ناٹک - 1

2010

Scanned with CamScanner

فقیر خلیل احمد شر





درگاه فقير نانڪ يوسف جي مزار جا اندريان ڏيک

Scanned with CamScanner

درگاھ فقير نانڪ يوسف
جا سجاده نشين

سجاده نشين چوٿون

فقير امام بخش

سجاده نشين پنجون

پديل فقير

سجاده نشين ڇهون

فقير مولا بخش

موجوده سجاده نشين

بشير احمد کوکر

Scanned with CamScanner

فقير نانک يوسف سان لاڳاپيل عباسي خاندان



فقير هادي بخش عباسي

فقير الهرکيو عباسي

فقير شاهه بخش عباسي

فقير الاهي بخش عباسي



فقير عطا حسين عباسي

فقير خادم عباسي

سچل عشق دا پنڌ سجايا، ٻيا پنڌ سڀ اجايا. (سچل سرمست)

ناٽڪ-1

2010

ايڊيٽر:

خادم عباسي

ٻانهن ٻيلي:

راز علي گل پتو

صدرالدين شاهہ شيخ

مُلهہ ۵۰ روپيہ

ڇپائي

پرويز ڪمپيوٽرائيزڊ پرنٽنگ پريس

شيخ ڪمپيوٽرائيزڊ پرنٽنگ پريس

پرويز احمد تيٻو
0346-3413993

ڪاليج روڊ گمبٽ

مولابخش سومرو
0346-3356046

ڇپائي: فياض احمد سهتو. صدام سومرو. منصور سومرو

بائيڊنگ: بخت سومرو. آفتاب سومرو. نجم الدين تيٻو

Scanned with CamScanner

انساني برتريءَ جو راز

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

صوفي خدا کي اندر جي اک سان ڏسندو آهي. پرکا ۽ پروڙ جو سوجهرو اڳ ۾ ئي هن جي اندر موجود هوندو آهي ۽ جيڪو شخص فهم ۽ فراست کي، زندگي جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري ٿو، دراصل اهو ئي انساني برتري کي بهتر سمجهي ٿو.

سرزمين سنڌ ۽ ان جي زرخيز مٽي مان هزارين اهڙا ڏاها ۽ دانشور صوفي پيدا ٿيا جن الله جي نور کي ڏٺو ۽ ان تجل جي شعاعن سان ڪرورتن ۽ مسئلن ۾ جڪڙيل ماڻهن جي من جي مير کي ڌوئي صاف ۽ چٽو ڪري ڇڏيو. انهن مان خواجہ محمد زمان، شاهہ عنايت شهيد. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سائين، روحل فقير، بيدل، بڪيل فقير ۽ ڪوڙ سارا نالا آهن جيڪي پنهنجي دور جي ماڻهن جي اڪيچار مسئلن ۽ مشڪلاتن کي ڏور ڪري، ڪين سئين ۽ ترقي ڏانهن گامزن رستي تي هلڻ لاءِ اڪسايو ۽ رهنمائي ڪئي.

سچل سائين جڏهن ائين چيو، "نوريءَ ناري ناهيان، آهيان رب جبار رحہ تڏهن ظاهري طور تي بصيرت کان ڪور ماڻهن، سچل جي ان نعري کي تعذيز جي ماڻ ۾ رکي فيصلا صادر ڪيا. پر جن ماڻهن انهي انساني برتري کي واري راز کي سمجهيو پئي. تن خدا جي احسن تقويم واري انساني مرتبي واري صفت کي ماڻڻ لاءِ پنهنجي من جا مونجهارا بہ مٽاياءِ ۽ ڀين ڀٽڪيل ماڻهن کي بہ راهہ جي آشنائي ڏني. نور ۽ نار تہ هستي ۽ پستي کي سمجهڻ واريون سچايون آهن.

چون ٿا تہ سچل پيري مريدي جي خلاف هو. پر ونس سلوڪ جا پانڌيڙا

Scanned with CamScanner

سدائين پروانن جيان موجود هوندا هئا. انهن مان نانڪ يوسف، يعقوب فقير، سيد ميان خير شاهه، جانو فقير حلاج، سيد ميان دين محمد شاهه، سيد ميان پير شاهه، سيد محمد حيدر شاهه، سيد ميان حسن شاهه، فقير شير خان پنپرو، فقير شير علي، فقير محمد صديق، ميان عثمان فقير، چاڪي فقير محمد صالح، فقيرمحمد صلاح پيو ۽ گهرام فقير سڀ جو سڀ صاحب دل درويش ۽ باڪمال شاعر هئا.

نانڪ يوسف اڳڻن وارو اصل ته ڳوٺ ڪنڊي ڪوڪر جهل مگسي بلوچستان جو هو. پر سچل جي عشق درازا آندو. هن جو والد به هڪ شريعت باعالم هو. پاڻ پنهنجي والد جي مدرسي مان فارغ التحصيل عالم ٿي گذريو. شروع شروع ۾ ڪنڊي ڪوڪر جي مدرسي ۾ فقه، تفسير منطق ۽ حديث جي علم متعلق درس و تدريس جي شغل ۾ رڌل رهيو. درگاه سچل جي سڪ ۾ جڏهن سنڌ آيو ته سچل جي سڄ ۾ رلجي نانڪ ٻڻجي پيو. چون ٿا ته جي فڪري ڏاهپ کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ جي ذميواري کيس سونپيل هئي. طبقاتي گهٽ وڌائي، مذهبي ڇڪتاڻ ۽ ڌرتيءَ جي ڪلچر موجب هندو مؤمن جو فرق مٽائي، انساني برتري واري سچل جي پيغام کي گهر گهر پهچائڻ واري جوابداري کي همت، ڏاهپ ۽ سچائي سان نڀائڻ ڪري سچل کيس "نانڪ" جي لقب سان نوازيو. انهي سلسلي ۾ ڊاڪٽر تنويرعباسي چوي ٿو ته، سچل سائين نانڪ يوسف کي صوفياڻي متي جي تبليغ لاءِ امر ترسر موڪليو ته جيئن سکن ۽ مسلمان صوفين کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻجي. سکن جي صاحب گرونانڪ جي تعليم پڻ صوفين جي وحدت الا ديان جي متي کي ويجهي آهي. سچل سائين هڪ شعر ۾ فرمايو آهي.

ٻيا ڪوئي ڄاڻ محض گناهه
هر ڪنهن صورت آپ الله
نانڪ يوسف بہ ساڳئي ڳالهه ڪئي.
"پنهنجو پاڻ ۾ نهار، پر توو پرين جو."
هڪ ٻئي شعر ۾ سچل فرمائي ٿو،
مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا
شيخي، پيري، بزرگي بيحد ڀلايا
ڪي نوڙي پڙهن نمازون، ڪن مندر وسايا،
سچل اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق ڪي.
سچل جڏهن عشق جي ڳالهه ڪري ٿو، تڏهن هن جي آڏو جيڪا وڏي اهميت واري ڳالهه آهي. اها انساني تڪريم ۽ مرتبو آهي، ڇا ڪاڻ جو عشق جو محور بہ تہ انسان ئي آهي. عشق نامي ۾ سچل فرمائي ٿو آن
خدا ز عشق آدم آفريد
تاز مخلوقات اورا برگزيد
آن خدا اورا امانت عشق داد
در نهادش سر اسرار نهاد.
ڊاڪٽرعطامحمد حامي انهن مشن جومنظوم ترجموهن طرح ڪيو آهي،
عشق مان آدم خدا پيدا ڪيو
ان کي مخلوقات ۾ اعليٰ ڪيو
پنهنجي مخفي راز جون رمزون رکي
ان ۾ سونپيائين امانت عشق جي.
معلوم ٿيو تہ ادم عشق جو نتيجو آهي، ان کي مخفي راز جي امانت عطا ڪري ذرتيءَ تي موڪليو ويو. ذرتيءَ تي خليفي ٿيڻ کان اڳ ۾

Scanned with CamScanner

انسان آسمانن جو خليفو ليو. جڏهن هن کي ملائڪن شيطانن ۽ جنن سجدو ڪيو. هن کي زمين تي انهي ڪري موڪليو ويو تہ هو لفظي عقيدي بجاءِ عملي عقيدو اختيار ڪري هاڻي هو ڪائنات جي وسعتن ۾ پنهنجي مرضي مطابق زندگي تخليق ڪري ٿو. هتي هو خالق بہ آهي تہ باري بہ ۽ مصور بہ آهي. اهو مخلوق جو اعليٰ ترين درجو آهي.

هاڻي اهو انسان تي ڇڏيل آهي تہ اهو دنيا جي گولي تي انساني برتري لاءِ ڪهڙا ٿو رستا اختيار ڪري؟

عشق ڪم ڪرڻ لاءِ اڪسائي ٿو. اڳتي وڌڻ ۽ خدا جي برتري جو احساس ڏياري ٿو. عشق لاحد جو نالو آهي نجات هن جي منزل ناهي. اهو ئي سبب آهي تہ عاشق ۽ رازدان "هلندي هوتن ڏي، ويهن ڪين وات" جيان سيِ اڳتي وڌندا رهن ٿا ۽ انسانيت جي ڀلائي لاءِ رستا ڳوليندا رهن ٿا.

مذهب بہ هڪ رستو آهي. منزل مقصود ناهي. شريعت ان رستي تي هلڻ جو نالو آهي ۽ جيڪا حقيقت تائين پهچائڻ ۾ مدد ڏي ٿي. سچل ۽ نانڪ جيان بابا بلهي شاهہ بہ ساڳي ڳالهہ هن طرح ڪئي.

بلهيا سب مجازي پوڙيان، تون حال حقيقت ديک
جو ڪوئي اتي پهنچنا چاهي، پل جائي سلام عليڪ. اسين رستي کي چميون ۽ چٽيون ٿا پر منزل جي ڪا ڳڻتي نہ ٿا ڪريون. جڏهن عمل خدا لاءِ نہ ڪيو وڃي تہ اهو شرعي نظام سڏبو؟ پر جڏهن عمل خدا لاءِ ۽ ان جي محبت ۽ انسيت لاءِ ڪيو ويندو تہ اهو طريقت جو نظام بڻجي پوندو. نانڪ يوسف چوي ٿو.

رڪين نور جمال نظر وچ، تصوير نگار اندر وچ
سڻ عاش عشق اشارا، بره بقارا، محبوب کي صورت ۾.

Scanned with CamScanner

سچل کي نانڪ سان ايڏو عشق هو جو ڪڏهن ڪڏهن هو پنهنجي انهي
ٻالڪ کي چوندو ته. "يوسف مصر جو بادشاھ آهي"اها ڳالهه چوڻ سولي
ناهي. پر ڏسڻو اهو آهي ته چوڻ وارو ڪير آهي. ۽ انهي لفظ ڪهڙي
شخصيت لاءِ ادا ٿين ٿا. انهي قول مان سچل جي فڪر سان واسطو رکندڙ
هر سالڪ بخوبي سمجهي سگهندو ته نانڪ يوسف جو راھ تصوف ۾
ڪهڙو مقام هو. اهڪ هنڌ نانڪ يوسف فرمايو.

اندر ٻاهر الله ٻولي. ڪٿ خلق فلاڻا ٻولي
هر هو يا ڱر الله دي وچ. الله آيا اندر چولي.

مولانارومي فرمائي ٿو ته رب جي سچن عاشقن جوهڪ ئي مذهب آهي.
اهو آهي پنهنجي نفس کي فنا ڪري الله تعاليٰ ۾ سمائجي وڃڻ.
"عاشقان را مذهب و ملت خدا است."
سالڪ لاءِ ضروري آهي ته اڳ ۾ انا کي ختم ڪري "مان"جي پردي مان
نڪري، تصور مرشد ذريعي ذات خداوندي ۾ سمائجي وڃي. نانڪ
يوسف چوي ٿو.

عاشق شهادت ڪر قبول. رک فنا دا خيال ٻي
اهين صورت دا ڪر نه وسارا. مار اناالحق دا نعرا.

يعني نفس کي فنا ڪري. جسماني شهادت ماڻڻ لاءِ منصور جيان
اناالحق (مان ئي وجود خدا وندي آهيان)جو نعرو هڻي نروار ٿيڻو آهي.
جڏهن سالڪ تمام حقيقت تائين پهچي ٿو تڏهن کيس حق اليقين جي
منزل يعني مشاهده حق حاصل ٿئي ٿو. هي محبوبن جو مقام فنا آهي.
نانڪ يوسف جڏهن اها منزل ماڻي تڏهن منجهس دنياداري ۽ مادي
شين لاءِ ڪا رغبت ڪونه رهي. ۽ عقبيٰ جو رجحان وڌيو. اهڙي صورتحال
ڪري مير علي مرادتالپرياران مليل جاگيرجيڪاديهه لاڙڪاڻو ۾ هئي

ان مان جيڪا اپت ٿينندي هئي، اها ناچٽين، غريب ۽ بي پهچ ماڻهن ۾ ورهائجڻ لڳي.ان مان فقير ڪو بہ استفادو حاصل نہ ڪيو.ڪن عاقبت نا انديش ماڻهن جي چرچ تي مير صاحب اها جاگيرڪائنس واپس ورتي نانڪ صوسف لاءِ نقد نذرانو ڏيڻ جوحڪم نامو جاري ڪيو. پر فقير اهو وٺڻ کان انڪار ڪيو.

انهي واقعي کان سنت پوءِ مير علي مراد خان کي انگريز سرڪار پاران غداري جي الزام هيٺ نظر بند ڪيو ويو.حالتن مير صاحب کي احساس ڏياريو تہ فقير نانڪ يوسف سان ڪيل زيادتي جو نتيجو آهي. جڏهن مير صاحب ڪائنس معافي ورتي تڏهن فقير في البديهہ هي شعر پڙهيو،

اقـرار نـاقـيرائڻ مردن جي شان ۾
محبوب جي چوڻ جو ذرڙو زبان ۾.

راهہ سلوڪ جا پانڌيئڙا تہ پنهنجن ننڍڙين ۽ ســادين خواهشن کي ڪا بہ اهميت نہ ڪونہ ڏيندا آهن.نيت جو اخلاص انهن جي پونجي هوندي آهي. نانڪ يوسف عارف با الله هو جاگيرءِ نقد نذرانو هن جي پاڪيزه دل کي موهي ڪونہ ٿي سگهيا.هـو تہ سدائيـن زبـاني ۽ عـملن پاڻ کي، يتيم، مسڪين،غلام ۽ سگ سچل چوائڻ ۾ فخر محسوس ڪيو. انهن شين جي قبوليت بہ وٽس اهڙن ماڻهن لاءِ هئي جيڪي سماجي سطح تي مالي ڪمپرسي جو شڪار ۽ طبقن ۾ ورهايل سماج جي هيٺائين ڪلاس سان واسطو رکندڙ ضرورتمند هئا.مٿين صورتحال جي ترجماني نانڪ يوسف جي هيٺين شعرن ۾ ڏسي سگهجي ٿو،

يـوسـف يـتيـم يـاري، نـانـڪ نـگـاهہ واري
مسڪين آهيان،سگ سندو درگاهہ جو مرشد ميان
نانڪ يـوسف جـو يـار سچل جو،ٻانهن ٻڌو غلام
نـانـڪ يوسف سـگ ازل دا،دلـبر تـو درواز دا

نانڪ تہ هر عطا کي پنهنجي مرشد سچل سرمست جو عطيو ڄاڻي قبول ڪندو هو.هن وٽ ميرن جي جاگير ۾ نذراني جا ڪا وقعت ڪانہ هئي. ٽالپر حاڪمن جو جيترو سچل ۾ اعتماد هو اوترو مير علي مراد والي خيرپور جو نانڪ يوسف ۾ ڀروسو هو.هو شيعا هوندي بہ نانڪ يوسف جي مقبري جي زيارت تولڙي احترام ڪي جائز ۾ باعث برڪت سمجهندو هو.مير علي مراد خان جو اعتقاد هو تہ سندس شادي ۾ پٽن جو اولاد (خان محمد خان ٽالپر.مير جان محمد جان ۾ صاحبزادو مير غلام مهدي خان)پڻ سندس دعائن جو نتيجو هئا.

سچل جي صبحت ۾ منزل ڪي ڏسڻ واري اک هر ڪنهن وٽ ڪانهي. ڪالهہ بہ اڻين هو تہ اڄ بہ اڻين آهي. اهو تہ هر ڪنهن جي اک جو ڪمال آهي. "جي تو نظر نيڪ تہ بسم الله ئي بس" واري حقيقت ڪي ڄاڻڻ وارا ۾ مير علي مراد خان جهڙي ڪليل دل دماغ وارا سڀ تہ ناهن هوندا.تنگ دل ماڻهو سچ چوڻ وارن ڏاهن خون جا پياسا بڻجي پوندا آهن.پر سچ چوڻ وارا وري سچ ڪي واضح، چٽو ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ مجبور هوندا آهن.جيئن سچ جي ڳولائو ۾ رازدان رهنمائي حاصل ڪري اڳتي وڌندا رهن.نانڪ يوسف سچل جي رهنمائي، وڏائي ۾ حقيقت بيني ڪي هيٺين سٽن ۾ واضح ڪري ٿو.

نانڪ يوسف يار اساڏا.شهر درازين والا وه واه
نانڪ نينهو خيال هوا،هڪ شهر درازين پائي
مرشد هي محبوب حقيقي،سچل يار سدائي
نانڪ يوسف يار جو پايا.دوست درازي الله ملايا.

صوفي ڄاڻن ٿا تہ نجات جوذريعو ڪامل مرشد ذريعي ئي حاصل ٿي سگهي ٿو. ڪامل مرشد جي روح جو رشتو جڏهن جسد خاڪي ڪان

منقطع ٿئي ٿو تڏهن روحاني تجلي، ٻي قالب ۾ منتقل ٿئي ٿي اهو سلسلو سدائين کان جاري آهي. سچل سائين جڏهن انهي منتقلي واري دور ۾ داخل ٿيو. تڏهن"يعقوب يعقوب"ڪري سڏيندو رهيو پر روحاني تجلي جي منتقلي يوسف جو مقدر هئي ۽ ان کي حاصل ٿي.

نور جي اهاتجلي ڪڏهن درازا ۾ ته ڪڏهن اڳڙن ۾ منتقلي جي پراسيس مان گذرندي رهي آهي. جو ته جسد خاڪي ته تبديلي واري عمل مان گذري اصليت واري مقام ۾ جذب ٿيندورهندو. پر نور ازل کان هڪ آهي ۽ هڪ رهندو. خدا پاڪ، مبرا، اول ۽ آخر آهي. نانڪ يوسف چيو.

گم هو ڪي ويک نظارا، آپ سارا، محبوب ڪي صورت ۾
سانون پير مغان سجهايا، وحدت دا راهه بتايا
بلهار جاٿون بلهارا، يوسف يارا، محبوب ڪي صورت ۾
نانڪ ڪري نماڻا آزي، اڳي صاحب گرو درازي.

حوالا

1. خادم عباسي:سچل سارو سچمرتب نواز علي شوق 1989ع
2. سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام مرتب محمد صادق راڻيپوري 1959ع
3. سرمست 15مرتب محمد علي حداد 1995ع
4. سائين بلهي شاهه راڌاسوامي سنگ بياس 2000ع
5. نانڪ يوسف جو ڪلام مرتب تنوير عباسي 1983ع
6. انتي هين حجاب آخر پروفيسر احمد رفيق اختر 2004ع

نانڪ يوسف جو دور

اختر درگاهي

سنڌ جي صوفيانه شاعريءَ ۾ "نانڪ يوسف" کي اهم مقام حاصل آهي. نانڪ يوسف جنهن پنهنجي اڳوڻن عظيم شاعرن شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي سلسلي ۽ فڪر کي اڳتي وڌايو اتي هن فني حوالي سان پنهنجو هڪ ڌار اسلوب ۽ انگ قائم ڪيو جنهن ۾ سنڌ جو اساسي ۽ صوفيانه شاعريءَ جو خوبصورت رنگ نظر اچي ٿو. شخصيت جي حوالي سان به نانڪ يوسف کي پنهنجي نرالي ۽ انفرادي حيثيت حاصل ٿي جو پاڻ سنڌ جي منصور سچل سائين ۽ سنڌ جي رومي بيدل سائين جي وچ ۾ سنڌ اندر "گرو نانڪ" جي روپ ۾ ان جي ئي جنم طور نظر اچي ٿو.

دراصل هي سمورا رنگ، روپ ۽ عروج سنڌ جي سرتاج شاهه لطيف جي فڪري سچ جي نور مان نروار ٿيا جنهن جي فڪري ڪُني جوڙڪ سنڌس ٿي پيشنگوئي ۽ فيض سان سنڌي شاعريءَ جي قلندر سچل سرمست لاٿو. ۽ پنهنجن طالبن ۾ ورهايو جن ۾ وري نانڪ يوسف گوءِ کٽي ويو. سچل سائين نه صرف پنهنجي روحاني امانت ڪيس ڏني پر سچل جو فڪري ۽ فني ورثو پڻ نانڪ يوسف جي حصي ۾ آيو. سچل سائينءَ جي فڪري ۽ روحاني مشخاني جي مڌ لاءِ ماندو ۽ چڪيءَ لاءِ بيتاب رهندڙ نانڪ يوسف جو پنهنجي پير مغان تان قربان ٿيڻ جو جوش جذبو ۽ مستي هنن سٽن ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

ساٿون پير مغان فرمايا وحدت دا راهه بتايا
بلهار جائون بلهارا يوسف يارا يوسف يارا.

هونءَ ته سچل سائينءَ جي طالبن جو انگ گهڻو هيو پر سنڌي شاعريءَ جي اتهاس ۾ سچل جي طالبن ۾ وري نانڪ يوسف جو درجو مٿانهون

آهي. اهو سچل سائين جي ئي فيض ۽ شخصيت جو اثر هيو جو مولوي محمد يوسف، نانڪ يوسف ۽ نانڪ شاهه بڻجي ويو.

حسن لايا هل اويار،

ننگي نانڪ شاهه جي. (غلام حيدر فقير)

نانڪ يوسف جوپهريون سيرت نگار سندس صحبتي ۽ سنڌ جو باڪمال صوفي شاعر ۽ عالم فقير قادربخش بيدل آهي. هن نانڪ يوسف جي وفات تي لکيل فارسي شعر ۾ سندس وفات جو سن، **1269** هجري محفوظ ڪيو. جنهن سان سنڌ جي تذڪره نويسن کي نانڪ يوسف جي وفات جو مستند سن هجري مليو. پر جيئن ته بيدل سائين پنهنجي شعر ۾ نانڪ يوسف جي عمر نه ڄاڻائي تنهن جي ڪري نانڪ يوسف جي صحيح عمر ۽ سندس ولادت جي تاريخ ۽ سن متعلق سنڌ جي محققن ۾ اختلاف راءِ موجود آهي ۽ ان ڏس ۾ هو صرف اندازو لڳائيندا رهيا آهن دين محمد وفائي پنهنجي ڪتاب تذڪر مشاهير سنڌ ۾ نانڪ يوسف جو مختصر تذڪرو ڪيو آهي پر سندس ولادت ۽ وفات جي تاريخن متعلق خاموش رهيو آهي.(2) لطف الله بدوي تذڪره لطفي ۾ نانڪ يوسف جي عمر70 سال لکي آهي (3) جنهن مطابق سندس ولادت جو سن **1199** هجري بمطابق **1783** ع ٿئي ٿو.بي طرف سنڌيالاجيءَ پاران شايع ڪيل ڪتابي سلسلي، "علمي آئيني" ۾ نانڪ يوسف جي سوانح عمريءَ تي هڪ مفصل مضمون ڏنو ويو آهي جنهن ۾ نانڪ يوسف جي ولادت جو سن **1192** هجري ڏيکاريو ويو آهي. **(4)** ان حساب سان نانڪ جي عمر **77** سال ٿئي ٿي.

سنڌ جي ناميارو محقق ۽ شاعر تنوير عباسي جڏهن "نانڪ يوسف جو ڪلام "مرتب ڪيو ته ان ۾ هن نانڪ يوسف جي ولادت جو سن **1208**

Scanned with CamScanner

هجري بمطابق 1792ع لکيو آهي.(5) جيکو پهرين تذکره نويس کان
بنهه مختلف ۽ 9 کان 16 سالن جي فرق سان آهي. ٻي پاسي ڏسجي ته
تنوير هجري عسيوي سن جي روشنيءَ ۾1208 هجري عسيوي سن
1792 سان مطابقت نه ٿو رکي. ڇاڪاڻ ته سن 1208 هجريءَ دوران
عيسوي سن 94-1793 ع ٿين ٿا. جڏهن ته سن 1792ع وري هجري سن
07-1206 هه بيهي ٿو. (6) بهر حال جيئن ته منهنجي آڏو نانک يوسف
جي تذڪرن ۽ ڪتابن ۾ آخري Latest تحقيق تنوير عباسي صاحب
جي آهي انهيءَ ڪري هن مقالي ۾ نانک يوسف جي حياتيءَ ۽ دور جو
احاطو سندس جنم سن 1792 ع ۾ وفات جي سن 1853 ع تائين ڪجي
ٿو جنهن مطابق نانک يوسف جي عمر 61 سال ٿئي ٿي.
هر خطي جي ادبي اوسر تي ان دور جي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي
حالتن جو اثر ٿيندو آهي. ۽ هر دور جا سڄاڻ شاعر جيئن ته پنهنجي
وقت جا ويج هوندا آهن، پنهنجي خطي ۽ سماج جي بدلجندڙ حالتن ۽
سياسي لاهن چاڙهن کي نظر ۾ رکندي پنهنجي آفاقي فڪر وسيلي فطر
تي حسن، اندورني جذبن ۽ احساسن جي اپٽار ڪندا آهن. ۽ پنهنجي
معاشري کي ذهني ۽ روحاجي طور بهترين نموني اڳتي وڌائڻ جي
ڪوشش ڪندا آهن.
نانک يوسف به پنهنجي وقت جو اهڙو صوفي اڳواڻ هو جنهن جي فڪر
۽ شخصيت تي سچل سرمست جي فڪر ۽ شخصيت جا عڪس چٽا
آهن. اهو سچل سرمست جيڪو پنهنجي وقت جو باغي شاعر هو جنهن
پنهنجي فڪر ۽ شعر وسيلي دقيانوسي رسمن، رواجن کي ٽوڙي ڦٽي
ڪيو.ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون مرد ٿيئن مردانو(سچل) نانک يوسف
جي ڪلام ۾ به اها ساڳي بيباڪي رندي ۽ مستي نظر اچي ٿي ۽ هو

۽ مذهبي مت ڀيد کان باغي نظر اچي ٿو.

جي تون عاشق عشق الله دا برهون چاهہ بدنامي،
نہ ات ورد وظيفہ روزا ڪفر نہ ڪو اسلامي
يار ملامت محبت والا برهان توڙ تمامي.
جٽيو عشق پائون گي اسلام جڳائونگي
ڪفر اسلام کون اڳنان امامت.

نانڪ يوسف پنهنجي حياتيءَ جو گهڻو حصو ٽالپرن جي دور ۾ گذاريو. جڏهن تہ سندس زندگيءَ جا آخري ڏهہ سال انگريزن جي دور ۾ گذريا. نانڪ يوسف کان اڳ سنڌ جي تاريخ سياسي طور افراتفري، ڀڃ ڊاهہ. ڌارين جي حملن، مذهبي متڀيد ۽ تفرقہ بندي جي بنياد تي سنڌ جي عوام کي ورهائڻ جي سازشن ۽ ٻين بحرانن سان ڀريل آهي. عربن جي سنڌ تي فتح، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي حاڪميت، نادر شاهہ جي آفت، شاهہ عنايت جهوڪ واري ۽ ڪهڙن جي مخدومن جي شهادت، احمد شاهہ ابدالي جي ڪاهہ ويندي ڪلهوڙن تائين سنڌ جو منظر نامو راتاهن سياسي جبر، سياسي قتل، مذهبي فرقہ واريت پيش ڪري رهيو آهي. نانڪ يوسف جي جنم کان ڏهہ سال اڳ هالانيءَ جي جنگ ۾ ڪلهوڙن هار کاڌي ۽ سنڌ ۾ ٽالپورن جي حڪومت قائم ٿي. جنهن کي مختلف چوياري ۾ ورهايو ويو. ٽالپور حڪمران نانڪ يوسف جي مرشد سچل سائينءَ سان گهڻي عقيدت رکندا هئا ۽ سندس گهڻو ادب ۽ احترام ڪندا هئا .(10) خود مير عليمراد ٽالپور لاءِ اهو ٻہ لکيو ويو آهي تہ هو نانڪ يوسف جو مريد ۽ عقيدت مند آهي تہ هو نانڪ يوسف جو مريد ۽ عقيدت مند هيو. (10) پر ٽالپور ٻہ سياسي طور تي سنڌ جي عوام جي قومي ايڪي ۽ اتحاد لاءِ خاص تدارڪ نہ ڪري سگهيا . هڪ ۽ اتحاد لاءِ

خاص تدارڪ نہ ڪري سگهيا. هڪ پاسي هن دور ۾ مذهبي تفرقہ بندي ۽ شيعي سني جي جهيڙن ڪي هٿي ملي تہ ٻي پاسي غير مسلمانن سان وڏيون زيادتيون ڪيون ويون. نتيجي طور سنڌ جي عوام ورهائجي ويو. ۽ ٽالپور حڪومت ڪمزور ٿيندي وئي. ان صورتحال ۾ انگريزن کي سنڌ حاصل ڪرڻ جو سونهري موقعو ملي ويو. جڏهن نانڪ يوسف 40 سالن جو هو تڏهن اليگزينڊر برنس سنڌونديءَ ذريعي پنجاب ويو ۽ انگريز سڄي سنڌ ڏسي ويا. ٻي سال ٽالپورن انگريزن سان معاهدو ڪيو ۽ جڏهن نانڪ يوسف 46 سالن جو ٿيو تہ انگريزن جو ايلچي سنڌ ۾ رهڻ لڳو. (11) آخرڪار 1843ع ۾ سنڌ انگريزن جي قبضي ۾ اچي وئي سچل سائين ان ڏينهن کان 16 سال اڳ وفات ڪئي. جڏهن نانڪ يوسف 51 سالن جو هو ۽ پنهنجي حياتيءَ جا باقي 10 سال انگريزن جي راڄ ۾ گذاريا. اهو آهي اهو دور جنهن ۾ نانڪ يوسف حياتي گذاري ۽ سچل جي فڪر جي پاسدار ڪندي تصوف جو پرچار ڪيو.

ادبي پس منظر جي حوالي سان ڏسجي تہ نانڪ يوسف جو دور سنڌي شاعريءَ ۾ خاص طور تي صوفيانہ فڪر جو هڪ طاقتور ۽ عروج وارو دور آهي. نانڪ يوسف، سنڌ جي سرتاج شاہ لطيف جي وفات 1752ع کان 40 سال پوءِ جنم ورتو ۽ جڏهن 1804ع ۾ روحل فقير جو وصال ٿيو تڏهن نانڪ يوسف صرف 12 سالن جو هو. جڏهن نانڪ يوسف سچل سائينءَ جي حلقي ۾ آيو تڏهن سچل ڪائنس 55 سال وڏو هو. ۽ ٻي پاسي شڪارپور ۾ موجوده سامي ڪائنس 62 سال وڏو هو.

نانڪ يوسف اهڙي دورجي شخصيت آهي جنهن دور ۾ سنڌ جي عرفاني رندي ۽ صوفيانہ شاعري پنهنجي عروج تي هئي. نانڪ يوسف ان حوالي سان بہ گهڻو خوشنصيب هو جو پاڻ سنڌ جي ٻن عظيم شاعرن

سچل ۽ سامي، جو همعصر رهيو جن مان وري سچل سائين جي تہ گھڻو ويجھو ۽ سندس حلقي ۾ شامل هو. تنهنجي ڪري نانڪ يوسف لاءِ تہ سچل سائينءَ وارو رندي ۽ بيباڪ فڪري مڪتب ئي آڏو هو. اهو ئي سبب آهي جو نانڪ يوسف جي ڪلام تي سچل جي ڪلام جو وڏ ڪان وڏ اثر ۽ ڇاپ آهي.

نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ تہ خود سچل سائينءَ سان بيحد عقيدت جو اظهار ملي ٿو.

نانڪ هوندو درس درازين يوسف پنهنجي عارين وارين مون ڪي سچل جي تار.

گــرگيــان بتــايــو ســارو شهـر درازن وارو تي
نانڪ يوسف يار سچل جو دم دم امر اشارو تي

نانڪ يوسف يار سچو دي، ڇاهي مهر ستاري (12) نانڪ يوسف جي شاعريءَ تي سنڌي اساسي شاعري، صوفيانہ ۽ رنڊي شاعري ۽ هندي ٻڳتي شاعريءَ جو اثر پوڻ اٽتر هو. سنڌ جي اساسي شاعريءَ جون اهم صنفون بيت ۽ وائي جن کي شاهہ لطيف عروج تي پهچايو. سچل سائينءَ انهن کي سيني لاتو ۽ انهن ۾ فڪري حوالي سان تصوف جي رنديءَ، بيباڪيءَ مستيءَ ۽ عشق جي السّتي رنگ ۽ عنصرن کي وڏي طاقتور انداز ۾ شامل ڪيو. سچل سائين وٽ وائي صنف کي وڏي وسعت ملي ۽ اها ڪافي جو روپ وٺي وئي، ڪجھہ محقق لکيو آهي تہ وائي ۽ ڪافي صنفون سنڌي شاعري جون قديم صنفون آهن. شاهہ لطيف ۽ شاهہ عنايت رضوي جنهن شعري گھاڙيٽي کي وائي چيو. ساڳي دور ۾ اتر ۾ ميان صاحبڏني فاروقي وٽ ساڳي ڪلام کي ڪافي سڏيو ويو. (13) بهرحال سچل کان اڳ لکيل وائي ۽ سچل ۽ ان کانپوءِ جي سرجيل

ڪافي ۾ گهڻو فرق آهي. ڪافيءَ ۾ جتي فڪري وسعت آهي اتي فني حوالي سان بہ ان جي اوسر ٿي آهي جو خود سچل وٽ ان جا ڪيترائي نمونا ملن ٿا. نانڪ يوسف وٽ بہ سنڌي اساسي شاعريءَ جو اهو ورثو موجود آهي. هن بہ بيت وائي ڪانپوءِ ان جي جاءِ وٺندڙ صنف ڪافي ڀرپور انداز ۾ چئي ۽ ظاهري انهن ۾ بہ سچل وارو رنگ اثر موجود آهي.

چاڻ پنهنجو پاڻ کي هيءَ خرابي بس
ڪير هلائڻ هٿڻ رمز اها ڏس ڏس
خالق آهي خلق ۾ حڪر تہ ڪو ڪنهن وس
ڳالهہ ڳجهي ڳجهہ عشق جو آهہ عاشقن ڪس
دبي دئيءَ کي دس، يوسف يار جيئن سدا.

اڪڙين منجهہ الله پرين تنهنجي اکڙين منجهہ الله
سچي مرشد سچي ڳالهہ سچيءَ جو ڏنو سچ ويساهہ
پاڻ ڏسي تو پان بڌي تو ويدن مون داناهہ
ڪل اسان کي ڪيهي ميان کهڙو ڏوهہ گناهہ
تون تان مالڪ آهين ملڪ جو بيو تان سڀ سپاهہ
يار يوسف کي تا پڻ ڪونن ڪيئي نانڪ شاهہ.

(14) نانڪ يوسف کي هڪ طرف سچل سائين وٽان سنڌ جي اساسي شاعريءَ جي صنفن ۾ وحدت الوجود جو رنگ مليو تہ ٻي طرف ڪيس روحل فقير جو ڇڏيل اهو ورثو بہ مليو جنهن ۾ هندي ٻگتي جو اثر نمايان هو. ان ڪري نانڪ يوسف پنهنجي وقت ۾ ٻين شاعرن کان انڪري بہ نرالو آهي جوهن سنڌ ۾ روحل فقير ڪانپوءِ هندي ڀڳتي رنگ

ڪي ۽ هندي شعري روايتن ۽ صنفن کي اجاگر ڪيو. ايئن ڪٿي چئجي ته جيڪڏهن روحل فقيرسنڌ جوڪبير هو ته نانڪ يوسف سنڌ ۾ گرو نانڪ جو ٻيو روپ. ڇاڪاڻ ته هندي پڳتي شاعري جو جڏهن ذڪر ٿيندو ته انهن ۾ برک ۽ بي مثال بابا فريد، امير خسرو، ڪبيرداس، تلسيداس، پلٽوداس، ميران ٻائي ۽ گرونانڪ آهن. نانڪ يوسف سنڌي صوفيانه ڪلام سان گڏ هندي ڀاشا جي صنفن ۾ شبد، دوهڙا ۽ ريختي ڪلام ۾ به چيو آهي. در اصل انهن شعري ڪاوشن پٺيان به سچل سائينءَ جي فڪري ۽ فني مڪتب ۽ شخصيت جو ئي اثر هو. سچل سائين پنهنجي وقت جو عظيم ۽ سچاڻ شاعرءِ سنڌ ۾ منصور حلاج ۽ فريدالدين عطار جو ٻيو روپ هو. اهڙي علمي ورثي جي نانڪ يوسف گهڻي سيوا ڪئي ۽ ڪيئي ماڻڪ، موتي ۽ لال ميڙيا. نانڪ يوسف جي هندي شاعريءَ ڏانهن رغبت به سچل ڏياري جو هڪ ڏينهن طالبن کي چيائين " اوهان مان ڪو آهي جيڪو وحدت جو اهو نياپو هندي ٻوليءَ ۾ آڻي سگهي؟" ان تي نانڪ يوسف ئي هام هنئين ۽ ڪيترائي هندي شبد، چوپايا ۽ ٻاٽيون سچل سائين کي ٻڌايائين. (15) سچل کي نانڪ يوسف جي ذات ۽ شخصيت ۾ گرونانڪ صاحب نظر آيو. ۽ ڪيس نانڪ جو لقب ڏئي امرتسر وڃڻ جو حڪم ڪيو. تنوير عباسي لکيو آهي." در اصل سچل سائين نانڪ يوسف کي امرتسرپنهنجوخاص سفير ڪري موڪليو ته جيئن اتان جي صوفي بزرگن، سنتن ۽ عالمن سان سنڌ جي صوفي فڪر جو رابطو ٿئي. "(16) ڇا ڪاڻ ته سچل سائين سمجهيو پئي ته گرونانڪ فڪر جو بنياد به اهو ئي توحيد ۽ عشق تي مبني آهي جيڪو اصل ۾ سنڌ جي اساسي ۽ صوفيانه شاعريءَ جو تاجي پيٺو آهي. نانڪ يوسف جي امرتسر جي سير سندس شخصيت کي وڏيڪ نرالو ۽ اهم

ٻڌائي ڇڏيو. نانڪ يوسف جي هنن شعرن ۾ هندي ڀڳتي شاعريءَ جو رنگ نظر اچي ٿو.

پانچ تت ڪو پوتئرو غسي کهين کيل
دس اوتارهن ساڌو سمجهه تياري
ڪو ماني اور ڪوئي نه ماني ستگر ساڪ سچارو
ٻلهاري ستگر اپني درسن ڪا ٻکياري
درسن هر گر هردي ماني چرن ڌيان در ياري
سچ گرو گيان بتايا وارڻ وارڻ واري

يوسف صدقي گرو سچي تئون گهتي نيهن ٻگل ٻاري. (17) سچل سائين جي وصال ڪانپوءِ نانڪ يوسف جيستائين حال حيات رهيو سچل جي فيض جو باڪمال ۽ روشن تارو هيو. اهڙي دور ۾ سنڌ جا ٻيا جيڪي صوفي شاعر هئا انهن ۾ اهم " سامي" ۽ "بيدل" هئا. بيدل ته نانڪ يوسف جو صحبتي پڻ هو. جڏهن ته ٻين شاعرن ۾ حمل فقير، علي گوهر شاهه اصغر، خوش خير محمد هيسباڻي خاص طور تي اچي وڃن ٿا. انهن کان سواءِ سچل جو هڪ ٻيو اهم طالب گهرام فقير به هو، جيڪو نانڪ يوسف کان به وڏي عمر جو هو، پر هو وڏو مقام ماڻي نه سگهيو.البت گهرامِ فقيرجون ڪجهه ڪافيون سنڌجي صوفيانه شاعريءَ جون اهم ڪافيون آهن. جهڙوڪ " ناحق وڃائي نيهن ڙي ساري عمر افراد ميان" وغيره. اهي ذڪر ڪيل نانڪ يوسف جا همعصر صوفي شاعر انهيءَ ئي صوفيانه فڪر وارا ۽ وحدت الوجودي هئا جن جو رندي ڪلام سنڌ ۾ گونجي رهيو هو. ۽ اهو نانڪ يوسف جي حلقي ۾ به ضرور پهتو هوندو. تنوير عباسي به لکيو آهي، "نانڪ يوسف جي دور

۾ سندس ويجهو بيدل، علي گوهر اصغر، خير محمد هيسباڻي، پرسوز ڪافيون چئي رهيا هئا. ۽ تصوف جي روايتي شعر ۾ ڪافي ندرت ۽ نواڻ پيدا ڪري رهيا هئا. (18) بي پاسي نانڪ يوسف جي ئي دور ۾ عروضي صنفون ۽ غزل جي صنف سنڌ ۾ باقاعده داخل ٿي چڪي هئي. ۽ غزل جا اهم. شاعر خليفو گل، قاسم، گدا عروضي شاعريءَ ۾ طبع آزمائي ڪري رهيا هئا. اهو آهي ادبي پس منظر ۽ ماحول جيڪو نانڪ يوسف ان ڪري به اهم هو جو سچل سائينءَ ڪانپوءِ هو سنڌ جو سينيئر شاعر هو. ۽ باوجود جو هن ڪلام تي سچل سائينءَ جي فڪر ۽ اسلوب جي وڏي ڇاپ هئي. نانڪ يوسف ڪافي حوالن سان مختلف آهي. هن جتي سچل جي روايتن کي اڳتي وڌايو اتي هو فني حوالي سان گهڻو مختلف ۽ نرالو به آهي.

نانڪ يوسف جي انفراديت ۽ خصوصيتن متعلق تنويرعباسي لکيوآهي، "نانڪ يوسف سچل جي اثر باوجود منفرد آهي ۽ هن فن توڙي فڪر ۾ ڪيتريون ئي ندرتون آنديون.نانڪ يوسف جي طرز نرالي آهي ۽ هن جو اسلوب منفرد آهي جو ڪائنس پوءِ ڪيترن ئي شاعرن سندس اثر ورتو." (19) نانڪ يوسف جي هيٺ ڏنل شعرن مان ان جي انفراديت ۽ اصليت نظر اچي ٿي ۽ سندس اهو ڪلام ۽ ان جي ٻولي ۽ انداز سنڌ جي ٻين شاعرن کان بنهه نرالو ۽ اثر ڪندڙ آهي.

گم هوڪي ويک نظارا آپ سارا
محبوب کي صورت مين
سانون پير مغان فرمايا وحدت دا راهه بتايا
بلهار جائون بلهارا يوسف يارا
کب وت جان جسم دم ناهين آپن آپ نظارا

Scanned with CamScanner

تــــرڪــڻ بـــازي اي جـــڳ پائي سارا ڪوڙ پسارا
اگن لڳي چن نيهن پرم ڪي ويڙهه ليا رم رم سين
بي رنگ بي اختيار اصـــل هـــي پريو باهم تم سين
درد حسن ديوان ڪيوسي، مون انهيءَ مستان ڪيوسي.
مين پيتا جام شراب هو يا بي تاب نشي ۾ خواب غرق درهون
جيئن پونرا ۾ گلزار مقيد دار زلف ڪي سل سل ڪا واهه وا
واهه وا ديڪا هي اسرار برهه بازار تماشا پل پل ڪا
مين جائون گي بلهار هماري يار حسن ڪي جهل جهل ڪا.

نانڪ يوسف وٽ اهڙيون ڪافي فني خوبيون آهن سچل شائينءَ جي سلسلي ۾ سرچشمي جـو هـي اهـم شاعـر سنڌ جي ڪلاسيڪل ۽ صوفياڻي شاعريءَ جو اهم نالو آهي.

حـــوالا

1. تاريخي قطعات از قادربخش بيدل مطبوعا 2008 ع.
2. تذڪره مشاهير سنڌ، دين محمد وفائي مطبوعا 1985 ع.
3. تذڪره لطيفي لطف ا لله بدوي مطبوعا 1952 ع.
4. علمي آئيون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي مطبوعا 1975 ع.
5. نانڪ يوسف جو ڪلام، تنوير عباسي مطبوعا 1983 ع.
6. تقويم هجري و عيسوي، ابوالنصر محمد خالدي مطبوعا1993ع.
7. نانڪ يوسف چمنل پرسرام گلراجاڻي مطبوعا 2007 ع.
8. نانڪ يوسف چمنل پرسرام گلراجاڻي مطبوعا 2007 ع.
9. نانڪ يوسف چمنل پرسرام گلراجاڻي مطبوعا 2007 ع.
10. علمي آئينو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي مطبوعا 1975 ع.

Scanned with CamScanner

11. سنڌي ادب جي تاريخ، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي مطبوعا 1972ع.
12. نانڪ يوسف جو ڪلام، تنوير عباسي مطبوعا 1983ع.
13 سنڌي ادب جي تاريخ، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالحميد سنڌي مطبوعا 1972ع.
14. نانڪ يوسف جيتل پرسرام گلراجاڻي مطبوعا 2007ع.
15. نانڪ يوسف جو ڪلام، تنوير عباسي مطبوعا 1983ع.
16. نانڪ يوسف جو ڪلام، تنوير عباسي مطبوعا 1983ع.
17. نانڪ يوسف چيتمل پرسرام گلراجاڻي مطبوعا 2007ع.
18. نانڪ يوسف جو ڪلام، تنوير عباسي مطبوعا 1983ع.
19. نانڪ يوسف جو ڪلام، تنوير عباسي مطبوعا 1883ع.

Scanned with CamScanner

نانڪ يوسف سچل جو پالڪو

قاضي مقصود گل

فقير "نانڪ يوسف" صوفيانہ طريقي ۽ سچل سرمست جي مسلڪ شاعري جو تسلسل آهي. جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ رندي رمزون ۽ تصوف جي طريقي جو اظهار ۽ ايثار ڪري پنهنجي رانجهن کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. توڙي جو ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ انهيءَ روايت کي رد ڪيو آهي تہ "فقير نانڪ يوسف لاڙڪاڻي جو هو" پر پوءِ بہ ساڳي ڊاڪٽر تنوير جي تحقيق مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ فقير نانڪ گهيريون ٻڌي ۽ ڪڙتالون ڪٽي لاڙڪاڻي جي بازارن ۾ رقص ڪيو آهي ۽ نچي ناچوئي پنهنجي پريتم کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ فقير نانڪ يوسف پلي لاڙڪاڻي جو نہ هجي پر پوءِ بہ حسن ۽ عشق جي حوالي سان تہ فقير جو لاڙڪاڻي سان گهرو ۽ اڻ ٽٽندڙ واسطو هو.

فقير نانڪ يوسف جا وڏا اصل ۾ بيگاريءَ جي پاسي جا هئا. جتي شايد حالتون ڪين راس نہ آيون تنهن ڪري فقير صاحب جو والد صاحب مولوي محمد هاشم ڪوڪر شرعي ماڻهو هو. تنهنڪري فقير نانڪ يوسف جنهن جو اصلي نالو محمد يوسف هو ان جو ٻالجتيءَ توڙي جوانيءَ جو زمانو ملائي ماحول ۾ گذريو. ايتري قدر جو پنهنجي والد صاحب جي وفات کانپوءِ سندس قائم ڪيل ديني مدرسو سنڀالي درس ۽ تدريس جو سلسلو بہ شروع ڪيائين.

فقير نانڪ يوسف پنهنجي وت ۽ وس آهر شرعي رنگ ۾ رنگجڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ايتري قدر جو هُن پنهنجي

بيچين روح کي حق جي تلاش ۾ مصروف رکڻ جي لاءِ ڪيترين ئي جسماني توڙي روحاني عبادتون ڪيون ۽ چلا ڪديا پر پوءِ به سندس من ۾ شانتيءَ پکيڙي پنهنجا پک ڪونه پساريا. اهڙي بيچيني ۽ برقراريءَ ۾ غريب محمد يوسف درگاهون پيٽيندو ۽ پنهنجي پريتم پنڌ ۽ پير پڇائيندو رهيو آخر پيري پنهنجي وڏن جي مرشد، ڏاڏا پير جي زيارت لاءِ ويندي طوفان ۾ توائي ٿي پنهنجي گڏهه سوڌو داتادرازيءَ جي دربار، درازن ۾ اچي نڪتو. محبت جي رمزن جي ڄاڻن انهيءَ طوفان کي عشق جو طوفان ڪوٺيو آهي. انهي جو چوڻ آهي ته بهر عشق جو طوفان هو جيڪو هڪ ڀٽڪيل مسافر کي پنهنجي منزل تي پهچائڻ جي لاءِ الله پاڪ جو حڪم جاري ٿيو. ۽ چوڻ وارا چون ٿا ته ساڳي رات ٻئي ڪنهن کي انهيءَ طوفان جي ڪاب خبر ڪونه آهي. بهرحال ڪجهه به هجي، انهيءَ روحاني حقيقي، علامتي يا اشارتي، عشق جي طوفان نانڪ يوسف کي درازن ۾ آڻي پهچايو. ان وقت درازن جو ڏٽي دولهه درازي، سچل سائين محفل سماع ۾ مصروف هيو. جڏهن يوسف فقير محفل ۾ آيو ته دروازي تي اچي بيٺو پر سچل سائينءَ کيس دربار ۾ اچڻ نه ڏنو ۽ کيس ترڙائي دروازي تان ڏڪرائي ڇڏيو. پر فقير يوسف به شايد پنهنجي جانب جو جلوو سچل سائينءَ جي صورت ۾ سڃاڻي ورتو هو تنهن سندس در تان پري وڃڻ مناسب ئي نه سمجهو ۽ صحن ۾ بينل ٻير جي هڪ وڻ هيٺ پنهنجو تهدل تڪيو ڪري ويهي رهيو. سچل سائين کي جڏهن خبر پئي ته هي فقير سندس سچو شيدائي آهي جنهن پرکا جو امتحان پاس ڪيو آهي ۽ ڏکڻ ۽ ڏکارڻ ڪانپوءِ به درتان وڃڻ وارو آهي تڏهن ٻير هينان وينل نحيف جسم واري يوسف فقير وٽ سچل سائين پير پري سندس پرسان اچي بيٺو جڏهن ڪمزور ۽ نحيف

جسم واري يوسف فقير جنهن کڏهن کڏهن تہ ڏسڻ وارا بہ مري ويل سمجهندا هئا. ان ڏنو تہ راڻ ريجهي وٽس آيو آهي تڏهن ادب ۾ اٿي بيٺو ۽ اکين ئي اکين ۾ چوڻ لڳو.

کين چڏيندس کڏهين دوست اوهان جو در

"مون تان مهر نظر پرين لاهہ ۾ پنهنجو"

سچل سائين پنهنجي سچي عاشق شيدائيءَ جي سڪ سچائي ورتي ۽ کيس پنهنجي خليفن جي حلقن ۾ شامل ڪيو. اهڙي طرح فقير يوسف سچل سائينءَ جي سڪ فيض جو حصيدار ۽ حقدار بڻجي درازي دربار ۾ شال ٿيو. پر شامل بہ اهڙو ٿيو جو سچل سائين جي قريبي، خليفن، مريدن ۽ عقيدتمندن ۾ شامل ٿي ويو.

سچل سائين جي سڪ، محبت ۽ عقيدت پنهنجي جاءِ تي، سچل سائينءَ جي ويجهڙائي ۽ فيض، فقير محمد يوسف ۾ فهم ۽ فڪر جا درياهہ وهائي ڇڏيا. سندس من جيڪو هميشہ مونجهون ۽ بي مزي رهندو هو ان ڪي جو مرشد جي صورت ۾ منزل ملي وئي تہ اهو يار جي ديدارِ گفتار ۾ مست مگن ٿي ويو. اهڙيءَ طرح سندس اندر ۾ عشق بادشاهہ شاعريءَ جا گل گلاب مهڪائي ڇڏيا.

سچل بادشاهہ جو ٻالڪو نانڪ يوسف جيڪ اڳ ۾ صرف محمد يوسف هو ۽ سنڌي سرائيڪيءَ ۾ شاعري ڪندو هو، سو هاڻي سچل سائينءَ جي امر سان، هندي شاعري بہ ڪرڻ لڳو هو. سندس هندي شاعري ۽ ويدانيت ۽ پاٻوهہ سان پر ٻاٽيون ٻڌي سچل سائين ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائينس تہ "يوسف تنهنجي هندي شاعري ۽ ٻاٽين جا ٻول تہ گرو نانڪ بادشاهہ جي ٻولن جون سڪون تا لاهن تنهنڪري توکي اڄ کان پوءِ نانڪ بادشاهہ جي نالي سان ڪوٺيندا سون. اهڙي طرح اڳ صرف يوسف

هاڻي "نانڪ يوسف"ٻڄي، سچل سائينءَ جي سرت ۽ ساڃهه جو تسلسل ٻڄي سچل جو هي عاشق سچل جي سچ جا ڏيئا ڪٿي ٻاريندو ۽ ٻهڪائيندو رهيو.

سچل سائين جو نانڪ فقير جي ذات، ڏيا، فهم فڪر، جوش جولاني ڏني ته ڪيس هندستان جي سکن ڏي سک ۽ سوچ جو سفير ڪري روانو ڪيو. شايد سچل سائينءَ ائين سوچيو هجي ته بابا گرو نانڪ جا پوئلڳ سک، ويدانيت، صوفيانه فڪر ۽ تصوف جا پرچارڪ آهن تنهن ڪري اهي دل جي صفائيءَ واري محبت جي منشور کي ضرور سمجهندا ۽ سڃاڻندا هوندا. تنهن ڪري ضروري آهي ته ساڻن فقيراڻو رابطو رکيو وڃي.

اهڙي طرح فقير نانڪ يوسف سچل جي طرفان سک جو سفير ٿي، امر تسر جي ياترا لاءِ روانو ٿيو. اتي پهچي هن فقير پنهنجي اڪيچار ڪرامتن جو اظهاربه ڪيو پر ڪن روايتن کي ڪمزور سمجهي روڪيو ويو آهي. پر هيءَ روايت، فقير نانڪ يوسف جي سيني سوانح نگارن قبول ڪئي آهي ته، اتي فقير جڏهن پاڻ کي "نانڪ شاهه"سڏايو تڏهن ڪانئس ڪرامت گهري وئي. جنهن ڪري فقير نانڪ يوسف ڪڙهندڙ ڪڙاهيءَ ۾ ٽپي ڏئي زنده نڪري آيو. بهرحال

رموز عاشق و معشوق را،

كراما كاتبين را خبر نيست.

حقيقت هڪ الله جاڻي ٻيا عشق جي راهه جا راهگير فقير نانڪ يوسف پنهنجي سونهين سچل سائينءَ جي حڪم ۾ اشاري سان اڳڙن جي پرسان پنهنجو ننڍڙو ڳوٺ ٻڌي اچي وينو جيڪو اڄ به "فقير نانڪ يوسف جو ڳوٺ" نالي سان آباد آهي.

نانڪ يوسف روحاني ماڻهو بہ هو تہ سنساري ماڻهو بہ هو. هن پنهنجي تن کي تيسا بہ ڏنا تڪليفون بہ ڪٽيون. ڏاڍو سنو ۽ پوڳيو بہ تہ وري درشن جون دريون کولي دل مان دلبر جو دلربا درشن بہ ڪيو تہ سڪ جون سرڪيون ڏوڪي پنهنجي ساهہ ۽ سرير کي سڪ جي سنسار جا سٺر بہ ڪرايا.

نانڪ يوسف ٽي شاديون ڪيون، خانزادي، ايمڻا ۽ مائي ڏاٿو سندس گهر واريون هيون پهرين گهر واري مان ڪيس اولاد ڪونہ ٿيو. ٻين گهر وارين مان ڪيس چار پٽ يونس، جهنڊل، عبدالرحمان ۽ نورالدين ۽ ہ نياڻيون غلام فاطمہ ۽ مائي ڀاڳ ڀري.

بهرحال "فقير نانڪ يوسف"سلوڪ جي راهہ جو اهو پانڌيئڙو هو جنهن "لال بہ لپي پريت بہ رهجي اڇي"واري اصول تي پابند رهي، دنيا تي پنهنجي دعويٰ رکي آخرت کي بہ پنهنجو ڪيو. عشق جي راهہ تي پنهنجي حقيقي رانجهن کي ريجهايو تہ سنسار جون ريتون رسمون، شاديون، برادريون، اولاد وغيره سڀني سان نڀايو.

آخر هي سلوڪ جي رستي جو راهي، فقير نانڪ يوسف ڪوڪر جنهن هڪ اندازي موجب 1792 ع مطابق 1208 هجري ڌاري هن ڌرتيءَ تي آيو سو 1851ع مطابق 9 جمادي الاول تي هن فاني دنيا کي ڇڏي حقيقي ديس ڏي سڌاري ويو.

"مرڻا اڳي جي مئا سي مري ٿيا نہ مات"

نانڪ يوسف يار هادي دي اسين موالي ڀنگي

درگاه نانڪ يوسف جا ويراڳي ۽ ڌمالي

خادم عباسي

راڳ ئي روح جي راحت يا غذا سڏيو ويو آهي پر صوفي ته راڳ کي معراج تائين سمجهن جيئن ڪنهن درويشن جو قول آهي ته " السماع معراج لاوليا.

رڪيل سائين فتح پور وارو پڻ فرمائي ٿو ته " راڳ هڏين ته رمز لڳئي هر هنڌ جي صوفي درويشن کي پنهنجي ويراڳي فقير جو سنگ (ٽولو) هيو جنهن سنگ جي اڳواڻي پاڻ مرشد جن ڪندا هئا. سچل سائين پڻ پنهنجي سنگ جي اڳواٽي ڪندو هيو ۽ ٻيا طلب درويشن پٺيان ڳائيندا هئا.

نانڪ يوسف پڻ پنهنجي فقرائي سنگ جي اڳواٽي ڪندا هئا ۽ نانڪ سائين جي سنگ ۾ هڪ درويش اسماعيل حجم پڻ هيو جنهن کي نانڪ يوسف سائين جي ڪجري چوندا هئا.

چٽل فقيرمنگي اصل پٽ شاه جي لڳ ڪرم خان نظاماڻيءَ جي ڳوٺ جو هيو پر سندس پيڻ جمعي فقير جي گهر ۾ هئي ۽ جمعوفقير جوانيءَ ۾ گذاري ويوتنهنڪري چٽل فقير پنهنجو اباڻو ڳوٺ لطيف جي پرمان لڏي پلاڻي اچي نانڪ يوسف جي نگريءَ ۾ رهيو چٽل فقيرويراڳ ڪندوهيو نانڪ سائين جي ڪجري اسماعيل فقير جو ڏهٽو هيو واهه جو ويراڳي درويش هيو ناچ به ڪندو هو ۽ واهه جو سندس ادا هئي فقير جي ڳائڻ واري محل جي ٻاهران ماڻهن جي ٻاري ٻجهي ويندي هئي فقير جي ناچ کي ڏسڻ ۽ پسڻ لاءِ پياسي فقير مان اک ئي نه ڪڍندا هئا. فقير معزز

مهمان جي اچڻ تي ويراڳ ۾ ئي ائين ڪيڪاريندا ڇڻ ڪيڪار جا لفظ شاعر ڇيا هجن ۽ ائين ئي سُر ۽ گر ۾ پورا هوندا هئا فقير وڏي ڄمار ماڻي 1988ع ۾ پيالوڪيو فقير جو پٽ صديق فقير پڻ درگاه جو ٻهاري دارۓ ويراڳي هيو هينئر ڇتل فقير جو پوٽو رسول بخش درگاهه تي ويراڳ جي محفل مچائيندو آهي.

امام بخش فقير ٽالپر

فقير امام بخش ولد محمد صادق ٽالپر پنهنجي ڳوٺ مهر علي خان ٽالپر تعلقي گمبٽ جا رهاڪو هئا فقير نوشهري فيروز جي درگاه شاهه نصير جي پوٽي نول گهوٽ جو طالب هيو فقير نج همڻ اوست ڳائيندو هو هيٺ واري خيال جي ڪافي فقير کي ياد ٿي نہ هئي مثال طور:

" سنو لوگو تماراڪيا خدا جاني تو مين جانون"

ڪافي فقير وڏي جوش جزبي سان ڳائيندو هيو.

نانڪ سائين جي ڪافي:

" هم ديکا هي اسرار برهہ بازار تماش پل پل ڪا وهواهہ"

سچل جون هي ڪافيون سامعين کي نچڻ تي مجبور ڪنديون هيون ۽ اڪثر درويش اتي نچندا هئا.

" اسان تي هادي والا حال ٻي سڀ ڪوڙي قيل مقال"

مجهہ ڪو بتا اي قاضيا ڪيسا تمهارا ڪام هي

تجهہ ڪو ڪتابون ڪي خوشي ميري لئي ماتام هي.

فقير صاحب طبيعت جو حلالي صورت پروقاراڪ وڏي ڳالهائڻ ۾ ذيرج انتهائي مهمان نواز جنهن غربت ۾ اڌ رات جو بہ خلقان ڪارايون. فقير جو پنهنجي هاديۓ ۾ وڏو ويساهہ هيو فقير ساري عمر ويراڳ جون محفلون درگاه نانڪ يوسف تي مچايون.

فيض محمد فقير ٻنڌ

فيض محمد فقير اگڙا جي شهر جو رهاڪو هيو فقير جي خوش بختي
جو فيض محمد ننڍڙي ئي نانڪ سائين، جي پهرين سيرت نگار ماستر
محمد موسيٰ سومري جي صحبت ۾ رهيو محمد موسيٰ سومرو اصل ۾
رتيديري جو ويٺل هوتعليم پير ڳوٺ جي مدرسي مان پرايائين ۽ ماستر
درازن ۾ ٿيو درازن ۾ سخي سائين قبول محمد دوم جو دور هيو ۽
درگاهه جو عروج ساڳيو سچل سائين وارو هيو جيئن موري فقير
سومري چيو:

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار آ
نينهن جو نعرو نئون اڄ تائين نروار آ
ظاهر سچل باطن سچل هي سڀ سندس سينگار آ
غيرتون ڇائين متان اولي ابر انوار آ.

موسيٰ فقير سچل سائين جو طالب ٿيو ۽ جان محمد سائين ۽ خواجه
عبدالحق سائين جي ظاهري علم جو استاد پڻ هيو.
محمد موسيٰ جي بدلي وري درازن جي ديس مان سچل جي ٻالڪي
نانڪ يوسف جي ڳوٺ 1996ع ۾ ٿي.
ماستر محمد موسيٰ درگاهه شريف جي ٻهاري برادري ۾ ڪندو رهيو.
درگاهه تي ڪنهن به شاعر جو ڪلام ڳائبو هيو ته محمد موسيٰ لکي
وٺندو هيو اهڙي طرح فقير ٽي هزار ڪافين جو ذخيرو گڏ ڪيو.
فيض محمد ٻنڌ جو اهڙي پارس سان پاسو لڳو جنهن جي
صحبت راڳ سکيو ڪافي ڪلام ڪانسوا. ڪلاسيڪل راڳ جو پڻ
وڏو ڄاڻو هيو جيڪڏهن درگاهه تي ڪو سنو وڄتو ايندو هيو ته فيض
محمد ڪلاسيڪل راڳ ڪندو هيو ۽ خوب ڪندو هيو اگر درگاهه تي

ڪافارسي يا نمريءَ جو ڄاڻو ايندو هيو تہ فقير فارسي غزل خ هنديءَ جو ڄاڻو ايندو هيو تہ فقير فارسي غزل ۽ هندي ٻاڻيون ڳائيندو هيو فقير صاحب ويجهڙائي ۾ جهان ڇڏيو.

فقير غلام قاسم تنيو.

فقير غلام قاسم ولد فقير ولي محمد تنيو پڻ فيض محمد ٻڍ جو شاگرد هيو غلام قسم فقير ڪي ٻوليءَ جي وڏي ڄاڻ توحيد جي سنن ڄاڻن ۾ سندس شمارٿيندو هيو غلام فقير وٽ جڏهن ڪوتوحيدجو پياسي ايندو هيو تڏهن ئي ڳائيندو هيو قرآن شريف جي پڙهڻ جو بہ وڏو ڏانءُ هيس ڪيترن ٻارن ڪي فقير صاهب ناظران قرآن پڙهايوعيد گاهہ تائين ۽ درگاهہ کان ملاح محلي تائين ٻهاري ڏيندا هئا ۽ فقير چوندو هيو تہ ” اچ نانڪ سائينءَ جا مهمان اينداخ مان انهن لا. اڱڻ ٻهاريان ٿو.

غلام قاسم سان گڏ فقير محمد صالح پڻ ويراڳي تہ هيو پر ٻولي جو پارکو بہ هيو.

خانڻ فقير ٽالپر

خانڻ فقير ويراڳ پنهنجي چاچي فقير امام بخش جي صحبت ۾ سکيو پر جيئن ئي فقير امام بخش پيالو ڪيو تہ خانڻ فقير هن وقت 85 سالن جي پيٽني ۾ هوندي بہ درگاهہ تي جمعي جي ڏينهن ديوتي پڻ ڏئي رهيو آهي.

علي محمد فقير کهڙو

علي محمد کهڙو اصل قلوءَ جي ڳوٺ جو ڪڇي ۾ وينل هو پر پوءِ اچي درگاهہ نانڪ يوسف کان ڇهہ ڪلو ميٽر پري دلاور کهڙي جي ڳوٺ ۾ رهيو فقير وڏي رمز وارو درويش هيو نوشهروفيروز جي درگاهہ شاهہ نصير جي پوٽي نول گهوٽ جوطالب هيوفقير گهڻ ڳالهائڻ گهٽ کائڻ

۽ گهڻ سمهڻ جوعادي رهيو فقير جون اسان پيريءَ ۾ بہ اٺ پهري محفل ٻڌي خ فقير واھ جو محفل کي مچايو فقير کي ڪلام جا بحر ياد هيا سچل سائين. نانڪ يوسف. بيدل سائين خوش خيرمحمد. شاھ نصير سلمان فقيرسانگي گهرام فقير جتوئي عبدا للہ ڪا تيار محمد فقير ڪتياڻ جو تہ فقير کي واھ جوٻولي ياد هئي فقير پاڻ بہ سٺو شاعر هيو ٻڌل فقير غمدل فقير هدايت نجفي خ محمد ڪٽياڻ سان بہ فقير گڏ ڳايو هيو.

عارف فقير عرف رب فقير

عارف فقير پڻ دلاور کهڙي جي ڳوٺ جو وينل هيو. انباھ جي درگاھ جي داتا ولايت شاھ جو طالب هيو فقير کي ويراڳ جو پونرو سڏيندا هئاَ جو فقير کنهن بہ درگاھ تي کنهن بہ مهل ميلي جا ڏينهن محفل ختم ٿيڻ نہ ڏيندا هئا فقير عارف جي فقيرن ۾ ايتري مجتاءِ عزت هئي جو فقرا. ڪيس فقير ڪري سڏيندا هئا.

عارب فقير خضر فقير کهڙي جو ڏهٽو هيو خضر فقير سائين شاھ نصير نوشهرو فيروز واري جو طالب هيو. هينئر درگاھ تي سيد ساجد احمد شاھ اڳڙائي امداد حسين شاھ ۽ فقير عاشق عباسي انيس سومرو ۽ فياض جويو هر جمعي تي محفل مچائن ٿا.

يعقوب شاھ عرف مسڪين شاھ

هي سيد اصل ابياٽي لڳ خانواهڻ جو وينل هيو کنهن عورت سان سندس اک اڙي جنهن عشق جو اثر ڏيکاريو سيد محبوبا ماٺي نہ سگهيو ۽ اچي صالح شاھ راٽي پور واري جو طالب ٿيو شاھ صاحب قداور جسم ۾ پريل پر وٽندڙ شڪل صورت جو وجيھ ۽ سيد مجرد رهيو ۽ ڳوٺ فقيرنانڪ يوسف ۾ اوتارو اڏي ويهي رهيو ويراڳ ڪندو هو ۽ توحيدي ڪلام جون ڪنديون ياد هيس چار پهر ڳائڻ تہ مسڪين شاھ جو ناشتو مس هيو ۽ هو اڪيلو بہ راتين جو راتيون ڳائيندو رهندو هيو.

Scanned with CamScanner

حضرت سچل سرمست جو فڪري وارث

"راز" علي گل ڀٽو

بلوچستان جي سري جو رهاڪو عالم دين مولوي محمد هاشم ڪوڪر سڄي ڄمار آرزو مند ٿي ڏاڍي در پٽ جي اولاد لاءِ دعاگو رهيو. انهي آرزو ڪيس هر وقت بيچين رکيو. انهي حالت ڪيس هڪ جاءِ تي ويهڻ نه ڏنو ۽ هو تلاش حق خاطر بلوچستان جي بستين جا سفر ڪندو رهيو. سري ڪان جهل مگسي جا وڻ اچي وسايائين. ديس و تدريس سان گڏ مولوي محمد هاشم ڪوڪر شرعي فيصلا به نبيريندو هو. انهي ڪري سندس شاگردن ۽ معتقدن جو حلقو تمام وسيع هو. هي عاشق رسول ﷺ جيڪڏهن درس و تدريس ۽ فيصلن مان فارغ ٿيندو هو ته الله جي عبادت ۾ ذڪر و فڪر ۾ مشغول ٿي ويندو هو.

فڪر اولاد نرينه جي سلسلي ۾ هڪ ڀيري الله جي هڪ نيڪ بزرگ" حضرت عبدالله گودڙي" جي مزار تي وڃي جاڳيو ۽ عبادت لاهي ۾ مشغول دوران ڪيس بشارت جي نعمت سان نوازيندي فرمايو ويو ته " اوهان کي پٽ ڄمندو جيڪو رندي رمز رکندڙ ۽ منصوري دم هڻندو.

فقير نانڪ يوسف جو ڄم مستند تاريخ ڪنهن به ڪتاب ۾ نٿي ملي پر وارين روايتن آڌار سندس ولادت جو سنه 1192هجري ٻڌايو آهي. جڏهن ته وصال جو سال 1269 هجري لکيل آهي. ننڍ پڻ نهايت ادب احترام نيڪ خصلتن ۾ گذرڻ ڪري هڪ جيڏن ۾ به نهايت توقير وارا ليکيا ويندا هئا. نيڪ پيءُ جو نيڪ فرزند علم ۽ عبادت جي ذوق ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. پاڻ زندگي ۾ عشق منزل ماتام جي راند ڪيائون. هترادو ماتمي جلوس ٿين جي دٻي جو دهل وڄائيندو مسلسل روئندا رهندا هئا

ايتري قدر جو رئندي رئندي بيهوش ٿي ويندا هئا. ڪافي وقت بيهوش رهڻ ڪانپوءِ جڏهن فقير صاحب کي هوش ايندو هو تہ گهڙدي روانو ٿي ويندو هو. شريعت جي پاڻ پابند پيءُ کي پٽ جي هن ماتام واري خبر ڪنن تي پهتي تہ ڏاڍا فڪر مند ۽ غمگين ٿي پيا مولوي صاحب کي ان راند جي رمز ۽ بشارت جو احوال تہ چڱي ريت معلوم هو پر پوءِ بہ هن شريعت جي پابند بزرگ فقير نانڪ يوسف کي پيار مان سمجهايو تہ تنهنجي عمر اجان ان راند جي لائق ناهي، پيءُ جي منع ڪرڻ جي ڪري فقير صاحب اها راند ڇڏي ڏني، منصوري موج ۾ حق پرستي جي اها شروعات هئي، جيڪا اڳتي هلي سچي بشارت جي صورت ۾ نهايت ئي مستي جون موجون ماڻڻ لڳي.

عشق بہ منزل ماتام راند ڇڏڻ ڪانپوءِ "ڪنايو عاشقان" راند شروع ڪيائون. يعني دل و جان سان خدا جو پوئلڳ ٿي وڃڻ يعني عاشقي جي دم مان بهار جي بوءِ اچي ۽ اهو عاشق جو حال فيض خداوندي کان خالي نہ هوندو آهي. هن راندي ۾ هڪ ڪپڙي جا ٽڪر ڪري ٻارن کي لنگ ٻڌرائي ڪلهن تي ڏنڊن جهڙيون ڪانيون رکرائي پاڻ ڏمال جودهل وڄائيندي وڄائيندي اڳي واري وجداني ڪيفيت طاري ٿيڻ ڪانپوءِ بيهوش ٿي ويندو هو. اهو سمورو لقاءُ سندس فڪري منزل ڏانهن سفر جو حصو هو. مولوي صاحب وري بہ فقير صاحب کي ساڳي سمجهاڻي ڏيندو رهيو تہ مان تنهنجي اندر جي اڌمن کي ڄاڻان ٿو پر تنهنجي هيءَ عمر اجان انهن اڌمن جي اظهارجي نہ پرعلم پرائڻ جي آهي.تون پنهنجو سمورو ڌيان عالمن ذريعي علم ڏي ڪر تہ جيئن تنهنجو فڪري سفر آسان ۽ لاپائتو ٿي پوي. انهي هدايت تحت سيني ساٿين سميت راند

روند جو سلسلو ترڪ ڪري علم پرائڻ ۾ محو ٿي ويا ۽ پندرهن سورهن سالن جي مختصر عرصي ۾ عربي فارسي پڙهي مولويت جي درجي تي پنهنجي دستار بندي جي منزل ڪي رسيو.انهيءَ ڪانسواءِ ڌرين ملڪن جي ٻولين ڪي ۾ علم حاصل ڪرڻ جا نشا بہ ملن ٿا.

جڏهن سندس والد ڳوٺ شهپور لڳ شهداد ڪوٽ ۾ وفات ڪئي تہ ان وقت فقيرصاحب پنهنجي علمي مصروفيت ڪان آجا ٿي چڪا هئا. والد جي رحلت ڪانپوءِ ڪيس پنهنجي ماحول ۽ معاشري سندس پيءُ وارو مقام مرتبو آڇيو.پاڻ خوشي سان پنهنجي والد واري ڪرت يعني درس و تدريس ۽ شرعي فيصلا ڪرڻ لڳا اهڙي ريت علم، دين ۽ شريعت جي معاملن سان لاڳاپيل رهيا.سندس فلسفي ۽ فڪر جو بنياد علم تي رکيل هو.سندس خودداري جو اهو عالم هو جو ڪين قابليت ۽ اهليت جي بنياد تي وقت جي حاڪم ڪين مفتي اعظم جو لقب ڏنو تہ پاڻ اهو رتبو قبولڻ بجاءِ موٽائي ڇڏيائون. صرف پنهنجي پيءُ جيتري ملندڙ پگهار تي گذارو ڪندو رهيا. اهڙي يڪتائي ۽ توڪل لازمي طور مستقبل جي مرشد سامهون حاضر ٿيڻ ۽ قبول پوڻ جي لاءِ ٺي ڪري رهيا هئا.پنهنجي حيثيت آهر خير خيرات بہ ڪندا هئا ۽ صبر شڪر سان زندگي ڪي ٻين لاءِ فقيري فقيري مثال بڻائيندا رهيا.ايڏي وڏي زهر، تقويٰ پرهيزگاري ۽ علم جي هوندي بہ جڏهن ڪين اهو خيال ايندو تہ ايترو ڪجهہ هجڻ باوجود بہ خدا جي حاصلات خدا خاطر دنيا ڪان ترڪ تعلق ڪري، دنيا جا سڀ سبب دنيا وارن جي حوالي ڪري پنهنجو هوت هت ڪرڻ لاءِ چلم ڪشي ڪرڻ لڳا.پهريون چلو جهل مگسي ٻاهران هڪ وادي ۾ ناهيل هڪ مڪان ۾ ڪيائون.انهيءَ اشاري ڪانپوءِ

Scanned with CamScanner

طويل عرصو لاتعلق ٿيڻ بجاءِ طلب تنوّنس جو بخار پڙڪا ڏيئي لڳو، نيٺ هو پهرين منزل جو مڪان ڇڏي اڻ ڏٺي ڏيهه ۾ منصوري دم جي منزل جا متلاشي ٿي نڪري پيا. ترم آسپاس ڪو مسجد، نه هو ڪو مڪان، ميخانو، مندر، مڙهي جوءِ، جبل ڪا وستي يا مزار ڇڏيائون، جتي نه ويا پر منزل جو منهن شايد اجا ڪنهن ٻئي پاسي ڏي هو. آخر ٻارنهن مهينن جي تپسيا ۽ تانگهه ڪانپوءِ جيل جهاڳي پنهنجي وطن جهل مگسي موٽي آيا.

ٻارنهن مهينن جي تلاش واري سفر فقير صاحب کي جسماني طور لاغر ڪري ڇڏيو هو پر مالڪ جي محبت ۾ ايترو گرفتار ٿي چڪو هو جو وري به سي سانگا لاهي جهل مگسي جي وادي واري مڪان ۾ اچي مقيم ٿيو. اتي وري به ڪين ساڳيو امر ٿيو ته توکي فيض ملڻو آهي پر ڪنهن منصور مرد جي در تان انهي امر واري جذبي ۽ جنون کي جنبش بخشي. هن ڀيري جهل مگسي جي اتر بجاءِ اولهه ڏي پنهنجي منزل جي ڳولا ۾ نڪري پيو. سي در ڀيٽڻ، ڪشالا ڪڍڻ ۾ سختيون سهڻ باوجود منصوري منزل ڪيس اجا پري محسوس ٿيڻ لڳي. وري به پنهنجي شهر جهل مگسي ماڳ موٽي آيو. هن سفر جي سورن، سختين ۽ ڏکن ڏاکڙن فقير کي اڳي کان گهڻو ضعيف بڻائي ڇڏيو هو. سچ چيو اٿن ته عشق اهڙو شينهن آهي، جنهن جي خوراڪ ماس آهي. بهر حال اهڙي ضعيفي ۾ به عشق الاهي هتان مجبور ٿي يار جي ديدار خاطر تيون ڀيرو چلي ۾ ويهي رهيو. سندس پڪو ارادو سمجهي روحاني رمز وري به ڪين اها ملي ته مراد اوهان کي ڪنهن مرد منصور جي راضپي سان ملندي. ٽيون ڀيرو اهو ساڳيو امر ٻڌي فقير هڪ انسان جي حيثيت ۾ ملول ته ڏاڍو

پر سڪ ۽ صبرجوپيالوچلڪڻ نہ ڏنائون. نيٺ وري سڪ جو سندرو ٻڌي
گڏهڙي تي چڙهي پنهنجي مرشد کان اجازت وٺڻ لاءِ سخي ابـو صالح
شاهہ سان ملڻ لاءِ راڻيپور جو رخ ڪيائين.
پهريائين منزل بيگاري، منزل موجوده فقيرڳوٺ هئي، جتي سندن زندگي
جو پويون عرصو گذريو ۽ اتي ئي سندن آخري آرام گاهہ آهي. اتان پوءِ
لاڪن جي لئي يا ڪن جي چواڻي تہ کهڙا لڳ گنبديري ۾ اچي رهيو.
ڪيترو عرصو اج بک تي گذران ڪرڻ باوجود ڪنهن ڪـان گهريائين
ڪجهہ بہ نہ. پاڻ بہ ڪمزور ٿـي ويـو ۽ سندس گـڏهہ بہ ڪاڌي منهن
ڪـري هلي ويئي. بهر حال پيريـن پنڌ مـرشـد ڏي وجـڻ جـو ڪست
ڪيائين. اجا بہ چار قدم مس ڪنيائين تہ عشق جي طـوفان چـو طـرف
اندوهہ انڌوڪار ڪري ڇڏيو. طوفان جي شدت جـي ڪـري فقير راڻيپور
جو رستو ڀلجي الهندي پاسي کان پير صرفو کان درازن جي ويجهو اچي
ابل واهہ تي چڙهيو. اتي طوفان جهڪو ٿيو. ڏينهن ٽيڻ سان درازا درگاهہ
تي سماع جو آواز ٻڌي اوڏانهن هلندا آيا. (مون کي اها روايت ان ڪري
ڪمزور لڳي ٿي جو ابل واهہ جو باقائدي وهـڪـرو ۽ نالو تہ 1932ع ۾
سکر بئراج جـي نـهـڻ کـانپوءِ ٿيـو. تہ پـوءِ ان وقت ابـل جو نالو هجڻ
عجيب ڳالهہ لڳي ٿي. بهـر حال عالمن کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي)
منصوري موج جي ڳولائو فقير کي درگاهہ جي مسجد ۾ ٽينڊڙ سماع ۾
پنهنجي منزل جا عڪس ۽ اولـڙا نـظـر اچـڻ لـڳا. سماعَ ڏانـهن منهن
ڪيون مراقبي ۾ ويٺل شصخيت ڪيس منصوري دم وارو مرد لڳو.
وڏين آزين کانپوءِ بہ سماع ۾ شريڪ فقيرن ڪيس شريڪ ٿيڻ نہ ڏنو ۽
فقير کي تنگو ٿالي ڪري سمٽي ڪڌ جي ڪناري هڪ ڪنڊي سان ٽيڪ

ڏياري ويهاري آيا. ڪمزور فقير درگاهہ ڏي مہ
اصل چريو ٿي نہ. ان حال ۾ ڪيس ٻارنهن مهينا گہ
۾ ويٺل بزرگ حضرت سچل سرمست هو. مراقبي وارر
ڏينهن جڏهن ان ڪنڊي وٽان لنگهيو تہ فقير نانڪ ر
بيهوشي ۾ ويٺل ڏٺائون. ٻين فقيرن چيو تہ هي مري ويو آهي
سچل سرمست جن فرمايو تہ هي جيئرو آهي، پوءِ فقير ڪي پ
سڏايائون. سال جو اڇيو بڪيو فقير سائين منصور ثاني جي سڌ تي اچ
بيهي رهيو ۽ ائين چڱو ڀلو نظر اچڻ لڳو. ڄڻ منجهس نئون روح پئجي
ويو. فقير هلندو پنهنجي منزل يعني دربار سچل ۾ اچي حاضر ٿيو.
دراصل انهي ڏينهن کان ٿي فقير صاحب سچل سائين راٽيپور کي
وساري درازن واري جو ديوانو ٿي ويو. فقير صاحب کان رياضت لاءِ
ڀهريون ڪم بڻي لاءِ ٻارنهن مهينن تائين کانئون ڪندو رهڻ سونپيو
ويو. سچل سائين جي فڪري پوئلڳ ڪڏهن بہ ٻڪ اڄ جي نہ تہ
شڪايت ڪئي نہ طلب ڪئي. ان رياضت کانپوءِ هڪ ڏاکو سندن فقير
۾ ترقي ٿي. سچل سائين جن پاڻ فقيرکي درگاهہ شريف جون مٽيون پرڻ
جوڪم سونپيو. دراصل مچ مچائڻ واري ان باهہ جي تپش کي ٿڌو ڪرڻ
لاءِ پاٽي پرڻ هڪ روحاني رمز وارو امتحان هو. جيڪو فقير نهايت
ڪاميابي سان ڏئي ويو. هاڻي سندس رياضت فقير کي پنهنجي منزل ۽
مراد جي بلڪل ويجهو ڪري رهي هئي. هڪ رات سچل سائين جي
خلوت واري فقير يعقوب جي عدم موجودگي جي حالت ۾ بہ امر الاهي
۽ رضاءِ رسول ڪريم صہ جي سچل سائين تجر ۾ فقير صاحب کي
معرفت جي موتين جو ونڊ ڏئي سرفراز ڪيو. چون ٿا تہ رات جو

جيسيتائين سچل سائين رياضت ۽ مراقبي ۾ هوندا هئا ته فقير به نند
ڪندو هو ۽ ساڳي حالت ۾ رهي پنهنجي محبوب مرشد جو خيال رکندو
هو. ايڏي فيض و برڪت جي حاصلات کان پوءِ فقير صاحب ٻئي پاسي
وڃڻ بجاءِ سچل سائين جي خدمت ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو پر مرشد جي
مرضي ۽ منشا کي مقدم رکي پنهنجي وستي تي موٽي آيو. جتي هڪ
وڏو ڳوٺ ٻڌجي ويو. جنهن جو اصل نالو رنگيرو رکيو ويو پر عقيدت
مندن سندن ڳوٺ جو نالو بدلائي فقير جو ڳوٺ رکيو. پنهجي وستي تي
اچڻ باوجود ڪين سچل سائين جي سڪ سڪ سان ويهڻ نه ڏيندي هئي،
پوءِ وقفي وقفي سان پنهنجي مرشد جي حاضري پيو ڏيندو ۽ فيض جا
وند وٺندو رهندو هو. سچل سائين جي حيات وارو وقت خيرپور رياست
۾ ميرن جي صاحبي وارو دور هو. مير علي مراد خان سرمست جو مداح
هو. هڪ ڀيري مير صاحب ڪين ڪن جو سور پيو ته سچل سائين جن ڏي
ماڻهو موڪلي دوا درمل جي درڪار ڏيکاري. سچل سائين جي حڪم
باوجود ڪو به فقير مير صاحب جي علاج لاءِ تيار ڪونه ٿيو پر فقير
نانڪ يوسف مرشد جي اجازت سان مير علي مراد جي ڪن جي سور
جي علاج لاءِ وڃي ڪوٽڏيجي پهتو. فقير مير وٽ پهچڻ شرط مير کي
ڪن کان جهلي هڪ زوردار چماٽ هنيون هليو ويو. في الحال ته مير
صاحب غشيءَ ۾ اچي ويو پر جڏهن حوصلي ۾ آيو ته نوبنو هو. مير فقير
جي ڳولا ڪرائي ته پاڻ هڪ ٽڪري تي مراقبي ۾ ويٺل نظر آيا. جڏهن
مير صاحب جي نياپي تي به فقير صاحب اوڏانهن نه ويو ته مير کي
ارمان ٿي پيو. بهرحال مير صاحب حاڪم وقت هوندي پاڻ فقير وٽ
هلي ويو ۽ عجز ڪري فقير کان دعا ڪرائي ته مير صاحب جا سڀ درد

دفاع ٿي ويا.

ان عقيدت ۾ مير ٽکري هيٺئون سندس لاءِ هڪ کوهه کوٽايوءِ فقير جي رهڻ لاءِ بندوبدست ڪيو. رياست جي اميرن ۽ وزيرن جي اعتراض باوجود فقير جي عزت ۾ مير ڪابه ڪمي نه ڪئي، اتان پوءِ فقير صاحب گمبٽ اسٽيشن پرسان حجمن جي ڳوٺ ۾ اچي رهيو ان ڪانپوءِ سڀ مير فقير جا معتقد ٿي ويا. مير علي مراد فقير صاحب کي لنگر لاءِ زمينون ۽ ڪيئي پروانابه ڏنا. هڪ ڀيري ته مير صاحب فقير صاحب کي لاڙڪاڻو به جاگير طور ڏيئي وري واپس ورتو، جنهن عهد خلاف خلافي جو ڏوراپو فقير صاحب مير ڏي لکي موڪليو هو. حيدرآباد جي ميرن به وڏين آزمائشن کان پوءِ فقير جي نياز مندي اختيار ڪئي. فقير صاحب حيدرآباد به سچل سائين جي حڪم جي تعبيداري ڪندي ويو هو. فقير صاحب کي نانڪ يوسف جو لقب به پنهنجي پير و مرشد حضرت سچل سائين جن کان مليو هو. هڪ ڏينهن حضرت سرمست فقيرن جي ڪچهري ۾ ويٺي ارشاد فرمايو ته اسان ڪيترن ئي ٻولين ۾ ڪلام چيو آهي پر هندي زبان ۾ ڪجهه به نه چيو آهي. اوهان مان ڪو توحيد جي باري ۾ هندي ۾ ڪجهه ٻڌائي، ٻين فقيرن ته خاموشي اختيار ڪئي پر فقير صاحب پنهنجي مرشد جي رضا ۽ سفارش سان هندي زبان ۾ اهو منڪور ٻڌايو جو سڀ فقير حيران ٿي ويا. فقير صاحب جي هندي زبان تي عبور ڏسي سچل سائين ڪيس نانڪ جو لقب ڏنو ۽ چياٺونس ته تون ساڳيو نانڪ ٻڄي ويو آهين. ان لقب ملڻ ڪانپوءِ چون ٿا ته فقير صاحب امرتسر جو سفر اختيار ڪيو. بهرحال اها زباني روايت ڪنهن به تاريخ جي گواهي ڪانه ٿي رکي. زبان روايتن ۾ فقير امرتسر جي

سفر دوران لاهور ويل ٻـ ڏيکاريو ويو آهي. انهي سفر دوران فقيرن ۾ نانڪ يوسف جون ڪافي ڪرامتون بہ مشهور آهن پر انهن جو بيان گھٽو ڪمزور ۽ ضعيف آهي.

سچل سائين جن جي طالبن مان فقير صاحب واحد طالب هوندو هو، جيڪو اڪثر موج مستي ۾ مستغرق تي ويندو هو. فقير غلام حيدر ٻروچ بہ سندن مستي جو مالامال ڪيل آهي. حيدر شاه ڪيميا گر جي تبديلي بہ سندن صحبت جو اثر آهي. جڏهن همہ اوست جي مستي سندن مٿان غالب ٿيندي هئي تہ سندن جسم جا وار ڪاندارجي ويندا هئا. هڪ ڀيري ٺٺي مستي جي بازار ۾ معرفت جي مستي مٿن غالب ٿي، بيٺي بيٺي پوري ڪافي چئي ويو ۽ گھوڙي تي سوار ميرن جي مقرر ڪاردار کي بہ ان مستي جي مئي ۾ اهڙو غرق ڪيائون جو جڏهن هوش ۾ آيو تہ هميشہ لاءِ مست الست ٿي ويو. هي خودي ڪاٽڻ وارو سچل جو ٻالڪ عملي طور سچل سائين جي سنت جو سوداگر ۽ پوئلڳ هو. هن جو روحاني مرڪز درازن جو ديس ۽ رهبر سچل سائين جن هئا. بيدل سائين روهڙي وارو ڄنجھ فقير اڄڻ کھڙن وارو، شادي فقير عرف شادي شهيد جهڙا وحدي فقير صاحب جا صحبتي فقير هئا. سچل سائين سان عقيدت جو انداز اهو هئس جو طالب ٿيڻ کان وٺي زندگي جي آخري گھڙي تائين درگاه درازا جي ٻني لاءِ ڪانيون موڪليندو رهندو هو تہ پيادل ويندو هو. واپسي تي درگاه کي پٺي ڏيڻ بجاءِ پوئين پير ايندو هو. مرشد وٽ اڏو مقام هوندي بہ انهن ۾ ڪا هجت ڪرڻ بجاءِ چوندو هو تہ:

صدقي ٿيوان صدقي - مين بروا شهر درازا دا

مين لک واري واري جاوان - انهين نيڻا والي ناز دا
ڏس اسانون يار پياري دا - انهين رمزا والي رازدا
دل جي نيتي نيوڻ والي - مار چنگل شهباز دا
ياد اسان محڪم دل تي - سچل سختن اياز دا
پل پل پر ڪر جام پليندا - فائق فيض فياض دا
نانڪ يوسف سڪ ازل دي - دلبر تو دراز دا

مٿئين سرائيڪي ڪلام مان فقير صاحب جي شاعري جي منزل، مقام جو پتو ۽ پروڙ پوي ٿي. سچل جو فيض باب ٿيل هي فقير فڪر درازا جو پر پارک رهيو آهي. سندن شعرن ۾ جيڪي به سالڪي وارا نقطا استعمال ڪيل آهن، انهن ۾ ڪنهن به شان ۾ گستاخي وارا عنصر نظر نٿا اچن.حسين ۽ عشق جو هڪ جاءِ هجڻ جو حامي ۽ الڳ ٿيڻ جو مورثون مخالف رهيو آهي. سندن ڪلام تي عشق تي حسن جي بادشاهي ڪي تسليم ڪري دراصل هن پنهنجي مرشد جي فڪر جي تائيد ڪئي آهي.پنهنجي عقيدي ۾ حسن ربي ۽ حسن عربي ڪي الڳ نٿو سمجهي.ان عقيدي جي تصديق لاءِ سندس هي شعر حاضر آهي:

جيسي صورت عين ڪي - ويسي صورت غين
نانڪ نڪتہ دور ڪرو - تو وہ عين ڪائي عين

سچل سائين جيان وحدت الوجود ۽ همہ اوست جو قائل هوندي نهايت نرمي سان نصيحت ڪري ٿو تہ:

عشق پاڻ وسار،
تون تان جو آهين سو آهين.

سرائيڪي، سنڌي، بلوچ، فارسي، عربي، سنسڪرت، هندي ۽ اردو تي

Scanned with CamScanner

عبور حاصل هيس، پوري طرح مرشد جو هر ڳالهہ ۾ سچو پيروڪار هو.
ان وقت جي مروج سرن ۽ داستانن کي پنهنجي پير و مرشد جيان ڳايو
وڄايو اٿس. سهڻي ميهار، ليليٰ چنيسر، ليليٰ مجنون، سورٺ ٻيجل، شير
فرهاد، عمر مارئي، مومل راڻو، نوري ڄام تماچي ۽ هير رانجهي جا
داستان سندس ڪلام جي زينت بڻيل آهن. ذاتي زندگيءِ ۾ نهايت سادو
۽ نفيس هو. سادو ڪائڻ پسند ڪندو هو.

محبوب جي ديدار، فراق، نفس ۽ شيطان جي قريبن کي بہ پنهنجي
ڪلام ۾ جاءِ ڏني اٿس.

پلي پلي جا ياڻ آئي
سا پي تہ نہ پلي يارا

پنهنجي مرشد رهبر جي عنايتن جي واکاڻ بہ ڪئي اٿس.

ڪڏان سور ها مست خيالي
ڪڏان سو مسڪين چالي وهہ واهہ
ڪڏان سو قالي قال ڪريندا
ڪڏان سوا حوالي وهہ واهہ

وحدت الوجود ۽ فنا في الله جو قائل فقير صاحب پاڻ کي طالب ۽
پنهنجي مرشد ۽ رهبر کي مطلوب جي مقام تي رکي ٿو. جماليات جو
شيدائي چوي ٿو تہ:

آهي عشق حسن اسرار يار
لکين هزارين نينهن نهوڙيا

يا

نانڪ نينهن سچي گر پياري ڏمان ڏم مچائي هي

انا حد نوبت زور و ڪيندا خاصون خاص خدائي هي
سندس شاعري ۾ استعمال ٿيل ٻولي سادي، سولي، مقامي ۽ عام ماڻهو جي سمجهه واري استعمال ٿيل آهي.خوشي، راحت، حسرت جذبات جي اظهارجو هي تونگر شاعر چوي ٿو ته:

ڪيي برهه بدنام سارا
ڪب وت شاهي نعرا
ڪفر پيي اسلام ديان ڳالهيان
ڪب وت جان جسم دم ناهين
آپن آپ نظارا
ترڪڻ بازي اي جڳ پائي
سارا ڪوڙ پسارا
صاحب سنگ رکو هڪ هادي
دل وچ دوست پيارا
ڪب وچ هوش ڪيي بيهوش
ڪب ور مست نارا
ڪيي يتيم غريب تا
ڪب سڪين بچارا
ڪب شهنشاهه خود دم
ڪهين حال گذارا
يوسف ياردي عشق ذيان رمزان
نانڪ حشر ده هزارا
وچ وحدت هڪ نڪته
سمجها هر دل عشق اوتارا

Scanned with CamScanner

هي پنهنجي مرشد جي احترام ۽ عقيدي ڪري ٻين طالبن کان وڌيڪ سچل سائين وٽ مانائتو هو. انهي ڪري سچل سائين جي خاص خليفي طور هر مهم جو مهندار هوندو هو. سچل سائين پنهنجو ظاهري باطني امانتون فقير صاحب کي ارپي ويو هو. فقير پنهنجي مرشد جو با اعتماد خليفو مريد ۽ ٻالڪو هو. فڪري ويڙهه جي تربيت خاص طور سچل سائين فقير صاحب جي ڪلام جي ڪئي، جيئن هو سندس پيغام ۽ ڪلام کي اڃا به وڌيڪ سهل ۽ عام فهم بڻائي پنهنجي گفتار ۽ ڪردار سان عام ماڻهو تائين پهچائي. هندو مسلم ايڪتا جو درس به فقير صاحب کي پنهنجي مرشد جي در تان مليو. ان سلوڪ ۽ رويي جو اڄ به هندستان تائين هندو سندن عقيدت مند آهن. سندس ڪلام ۽ ڪردار تان وقت جا اڃا گهڻا پردا لاهڻا پوندا، تڏهن وڃي فقير صاحب جي شخصيت کي سمجهيو. انهيءَ لاءِ فقير صاحب جا معاشي ۽ روحاني وارث هڪ جيترا ذميوار آهن. درگاهه تي هر جمعي رات ويراڳ سان گڏ تحقيقي ۽ فڪري وهڪون ٿين ته گهڻا دماغ ڪلندو. بهرحال فقير سائين سچل سائين جي فلسفي جو اصلي تسلسل آهي، ڇو ته درازا ۽ فقير ڳوٺ جو فاصلو ڪو ايڏو گهڻو ڪونهي.

درگاهه نانڪ يوسف جا ڌمالي

خادم عباسي

سنڌ ۾ هيءَ عبرت جهڙي حقيقت آهي ته سنڌ جون اڪثر درگاهون قادري طريقي جون آهن. قادري طريقي ۾ راڳ ۽ ساز ممنوع آهي پر سنڌ جي صوفي درگاهن تي راڳ ۽ ساز السماع معراج اوليا جي حيثيت رکي ٿو. سائين رڪيل شاهه چيو ته " راڳ ٻڌين ته رمز لڳئي" جو رتبو رکي ٿو. خير محمد فقير چوي ته سازن سرورن تي شبد ۽ ٻاٽيون (هندي شاعريءَ جا گهاڙيٽا) ٻڌو ۽ ٻڌايو ته دل مان دوئي وڃي. " جوڙي ساز شروع ڪر طبلا. تڙي دوئيءَ کي دور ڪيو. نوان شبد ٻڌاءِ ڪي ٻاٽيون." اڪثر صوفين ته ويراڳ ٻڌڻ جي حالت ۾ پنهنجا پساهه پرينءَ حوالي ڪيا.

ساڳي طرح سچل جي سرمستي فڪر جو پيروڪار فقير نانڪ يوسف به ويراڳ جو عاشق هو. فقير صاحب جڏهن اگڙن جي پرسان پنهنجو مسڪن بنايو تڏهن فقير صاحب ويراڳ جي آبياري لاءِ پنهنجي پاڙي ۾ مگڻهار فقير ويهاريا جي سماع جي محفل ۾ وڄت ڪندا هئا ۽ فقير صاحب جي وفات کان پوءِ ويراڳ جي محفل ۾ به شرڪت ڪندا هئا ۽ درگاهه تي ڌمال به وڄائيندا هئا.

اسان پنهنجي ٻالڪپڻي ۾ آچر فقير بن پريل فقير ڏنو جيڪو بهترين دهلاري ۽ ويراڳ جو به ملوڪ وڄتو هو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ ماهي فقير شرناءِ جو سهڻو وڄتو هو. آچر فقير 1960ع ۾ وفات ڪئي، ان کان پوءِ ان جي پڳدار پٽ پير فقير ويراڳ ۾ ڍولڪ وڄائيندو هو ۽ درگاهه تي ڪڏهن ڪو نيم ڪلاسيڪل غزل ۽ نمريءَ جو ڳائڻو ايندو هو ته پيرل

Scanned with CamScanner

فقير جا جوهر اجا بہ وڏيڪ جرڪندا هئا ۽ محفل ۾ ماڻهن تي وجد طاري ٿي ويندو هو. پير فقير جو ياءُ حسين بخش 70 سالن جي ڄمار جو اڄ بہ پابنديءَ سان درگاهہ تي رزوانو ڏمال وڄائيندو آهي، 1995ع تائين حسين بخش روزانو رات جو سڄي راڳ ويراڳ جي محفل ۾ ڍولڪ وڄائيندو هو، ڇاڪاڻ تہ ان وقت درگاهہ جا اڪثر صوفي ڳائڻا حال حيات هئا. ننڍ ڪي تہ فقير نياڳ سمجهندا آهن ۽ جاڳڻ سان ئي جس ملندو تنهن ڪري راتين جون راتيون جاڳڻ تہ صوفين لاءِ ڪبي هٿ جو کيل آهي. هينئر ويراڳ جي محفل علي محمد عرف ڪلڻ فقير مڱڻهار دل و جان سان بجا آڻيندو آهي.

نانڪ شاهه

حاجي عبدالحميد سومرو

اسم گرامي:محمد يوسف ولد مولوي محمد هاشم ڪوڪر ولادت: 1792ع مطابق 1208 هه ۾ ڪنڊي ڪوڪر نزد جهل مگسي مدرسي جي تعليم حاصل ڪري والد جي مدرسه جو مدرس بنيو.

بيعت: درگاهه عاليه قادريه عشقيه اناالحقيه درازا شريف. فيض باطني: درازن جي دولهه حضرت سچل سرمست رحه کان حاصل ڪيائون. سير سفر: هند، سنڌ جو مڪمل سفر ڪندي امرتسر تائين پڻ ويو. سندس هم مرشد ۽ صحبتي: يعقوب فقير، شير علي فقير، دونهين جو فقير محمد صالح، محمد صالح قادري، فقير عثمان چاڪي، ميان نيشان علي فاروقي ذوقي ۽ حقيري هئا.

سندس طالب حق: بلو فقير، فقير غلام حيدر شر، وڏو فقير، مير علي مراد، الهداد فقير، ڍنڍڻ فقير، حاجي عبدا لله، باهو شاهه، حسن شاهه، حيدر شاهه، پير شاهه، نبن شاهه ۽ ٻيا.

خلافت:درگاهه درازا شريف جي ٽن سجاده نشينن (1) خواجه نظر محمد ۽ خواجه نجم الدين ۽ سخي قبول محمد پيو، جي دور ۾ خليفا هئا.

فقير صاحب جي شاعري: فقير صاحب حال جو صاحب صوفي البدي شعر چوندو هو جيڪو بيتن، ڪافين، ڏوهيڙن، ريختن، ٻاٽين تي مشتمل آهي.هو ٽن زبانن ۾ شعر چوندو هو.سنڌي هندي ۽ سرائيڪيءَ ۾ انهن ۾ وحدت الوجودي جو اثر گهڻو نظر اچي ٿو.هو پنهنجي مرشد سچل سائين کان گهڻو متاثر هو ان ڪري اناالحقي آواز جو مداح هو. درازا شريف ۽ سچل سرمست ڪي پنهنجي ڪلام ۾ گهڻو ياد ڪيو اٿس.

(1) واه گرو جي شاه ڏرازي - صاحب رضا ۾ عشق راضي

(2) نانڪ يوسف نون سوز ماهي دا - الله وچ درازين شوق الله دا

(3) يوسف غيب الله جون بخشيون - دانهن درازائيءَ ۾
سگ اسين دروازي تن جا - نانڪ نينهن اخوانيءَ ۾

(4) جو جسم ڏسڻ ۾ آيو تي آيو تي
واه سچل رنگ لايو تي رنگ لايو تي

(5) نانڪ يوسف يار سجاتو - درس درازين دلبر پاتو

(6) شرڪ ويا شڪ شوق - برهه بهاري جو جهڙ لايو

(7) يار دوستي آهي آهي - ڏسڻ ديدار اکين جو اکڙين
نانڪ يوسف يار سچل جو - ڏس ڏنو ڪنهن ڏاهي ڏاهي

(8) دوست درازين نانڪ يوسف - يار ڏنو مون ڳولي

درازا شريف جي تعريف پنهنجي هن شعر ۾ ڪئي اٿس جنهن ۾ روز ڪچهري پيغمبر جي. قدم قدم تي حج قبوليت قلب جي ڪارڻ لاهڻ جو ڏس ۽ پير قبول محمد صاحب سوڀارو ڪنهن ڪتب آندو اٿس.

حڪم اهو درگاهه معليٰ قادر قدس قرارو تي
شاهه قطب جيلاني جوشئون طبل نينهن نگارو تي
قدم قدم جا حج قبوليت زياده مطلب سارو تي
ڊوڙي وڃ درازين دل سان قلب اجا هي ڪارو تي
گروءَ گيان بتايو سارو شهر درازو وارو تي
پر گهٽ پير قبول محمد صاحب سدا سوڀارو تي
دائم درمندن سان ياري راحم رحم اپارو تي
انا احمد بلا ميم حال محمد وارو تي
عشق الله امداد انهن سان هو ڪو سچ سچارو تي

يـار يـار يـگانا يـكدل پنجتن نور نظارو تي

نانڪ يوسف يار سچل جو دم دم اهو اشـارو تي.

نانڪ يوسف رح پنهنجي نياڻي جـو نـكاح درگـاهہ درازا شـريف جـي پنجين گادي نشين خواجہ نجم الدين سـان ڪرايو هو جنهـن مان جنيد وقت سخي قبول محمد دوئم تولد ٿيا.هو اڃا ننڍا هئا تہ سندن والد صاحب وصال فرمائي ويو.درگـاهہ جـي دستار سخي صاحب کي پارائي وئي نانڪ يوسف جيڪو درگاهہ جو خليفو هو جيڪو سندس نانو بہ هو تنهن تي ان مهل حال اچي ويو هو اتي بـيـنـو ننڍڙي سخيءَ کي ڪڇ تي کڻي ڦيريون پائڻ لڳو ۽ هي دعائيہ ڪلام زبـان تـي فـي البديهہ جاري ٿي ويو جيڪو مقبول عام آهي.

عمر دراز تيـڏي الله نگهبـان هـووئـي

الله نگهبان هووئي علي دي امان هووئي

پنجان دي پناهہ هووئي...............

وصال بحق:رنگ پور (فقير جوڳوٺ) تعلقہ گمبٽ ضلعہ خيرپور ميرس سنڌ ۾ 9 جماد الاول 1269 هـ مطابق 1853 ع تي ٿيو.سندس درگاهہ مرجع الاخلائق بڻيل آهي جتي هـر سـال انهـي تـاريخ تي عرس ملهايو ويندو آهي جتي درگاهہ عاليہ درازا شـريـف جو مـوجود سجاده نشين ڊاڪٽر سخي قبول محمد چوٿون درگاهہ تي چادر چاڙهي افتتاح ڪندو آهـي ۽ دعـا خيـر بـارگـاهہ ايزديءَ مـان گـهرنـدو آهـي.هزارين بيڪس جهوليون خير جو پري ويندا آهن.هنن لفظن سان ڪيس يـاد ڪندي وري اچڻ جا وچن ڪندي راهي ٿيندا آهن

تون تان مالڪ ملڪ جو آهين - بيو تان سڀ سپاهہ الا

يار يوسف کي تا پڻ ڪونن - ڪيئي نانڪ شاهہ الا

ٽلھ: ننگي نانڪ نورنگاھ.
مرشد سچل شاھنشاھ

نانڪ شاھ نظارو نوري، ھر دم ويکڻ حج حضوري،
دم نہ دلبر دل کان دوري سڄڻ سمايو ساھ پساھ

فيض فيض اوھان جي فقير جوڳاري، ھر جاءِ ھر ھنڌ ھو ھيڪاري،
گلرز گلرنگ گل گلزاري، عشق اوھان جو حق آگاھ

نانڪ سائين نور نظارو، واھ ورھ جو ھووسڪارو
جام جلالي وحدت وارو، لا الہٰ الا اللّٰہ

درد مندن لئہ دلبر دارون، تھدل توکان ۽ توپارون
ڦٽي فراق ڪئي دل ڦارون، وھلو وير وري ڪر واھ

عطادرا اوھان جي آيو ساب ڪيو مون سوال سڄايو،
دم دم دونھون درد رڪايو، عشق لڳي جيئن باھ ڪپاھ

ارباب علي فقير شر

يوسف يتيم پالي نانڪ آ نام تنهنجو،
تڏهن اچي ڪيو تم سائينس سلام تنهنجو،

سچل جو واسطو تي سهڻا سوال مج تون،
اچ سو پيار جو آ جوش ۾ جام تنهنجو،

سارا فقير سيد سڀ ميڙ تي مڙوئي،
ڪنهن گهرج ڪان گهرڻ لئه آيو غلام تنهنجو.

منهنجو بہ جهول پرتون جيئن شر نوازيو هيئي،
پل ڏيهه بہ ڏسي پيو آقا انعام تنهنجو،

ڪيو هئي غلام حيدر حسنين جي حوالي
"ارباب" پي ائين آ طالب تمام تنهنجو.

اچ هن غريب تي ڪر ڪا اڄ ڪٿي عنايت
ڪيو مرتبو متانهون مولا مدام تنهنجو.

Scanned with CamScanner

گوڙڙيو

فقير غلام حيدر شر

جيڏيون جاڳايو جيءَ ۾ مون کي نانڪ نور علي،
پرين قربئون پنهنجي ڪئي سپ پلي،
اگڻ مون مسڪين جي آيو هوت هلي،
ڪاڪيون آهيان ڪانڌ ڪا ويو رڳ رڳ منجهه رلي،
غلام حيدر غير جي ڏهن ڪانڌ چلي،
وٺي ڳوٺ ڳلي، اچي وينم ويجهڙو،

اچي وينم ويجهڙو ساجن سدا منجهه ساهه،
جيڏيون جاڳايو جيءَ ۾ رکي نينهن نگاهه،
وحدت جي وصال جا ويرو هايا واهه،
نه ڪا سڌ ثواب جي نه ڪا غرض گناهه،
غلام حيدر غير جا لڙهي ويا سڀ لاهه
ستگر سنجهه صباح، مون کي جهلي جهوليءَ آيو.

جهلي جهوليءَ آيو مون کي يوسف ساڻ يقين،
سو پيرا صوفي تيا آءُ چئي آمين،
جنهن جي جوش جاڳائيو برهه وڄائي بين،
غلام حيدر گراچي مون کي توڙئون ڪئي تلقين،
محبت موج سنڌين، سدا ساوڻ جيئن وهي.

تکودڑیہ

فقير غلام حيدر شر

حسن لايا هل سرتيون،
ننگي نانڪ شاهه جي،
آئي آري ڄام جي،
معاف تي آ مشڪل،
محبن جي ملاقات ۾،
گفتي ۾ گل گل،
اڄ ساڻ عجيب جي،
معاف تي آ مشڪل،
اديون مون سر آئيو،
عشق ڪري هل هل،
غلام حيدر غير ويو،
پورو چڙهيا پلپل.

Scanned with CamScanner

کوڙيه

فقير غلام حيدر شر

نانک شاهه نظر کر جاني،
تنهنجي قدمن تا قربان،
عشق اليلان تنهنجي لايون،
لن لنءِ نوبت نينهن وڄايون،
برهه جون پڙکن باهيون،
ناد وڳو نوراني،
هاري حق سيوئي دلبر،
ونحن اقرب بحر ۽ بر،
سڪ سڄڻ جي آهه سبر،
محب کيو مهرباني،
آيو اڱڻ مون يار سنجهيئي،
صحن وسائج وارث ويهي،
دامن لڱڙيس جيهي تيهي،
آهين ابرتيستائين.
غلام حيدر غم لتاسي،
وهم طلسم غير وياسي،
دم درازيءَ شاهه ڳڙياسي،
جنهن لاءِ دل ديواني.

Scanned with CamScanner

جن سهي ساجن سجاتو، پرت جا پانڌيئڙا،
عشق جي چاڙهيءَ ويا، جس کٿي جوڳيئڙا.
سي نہ کنهن لالچ ۾ ڦاٿا ڏونگ سان يا ڏوهہ سان،
محب ليلائي لنڌائون، پيار ۽ پاپوهہ سان.
علم ۽ عرفان سان ڏيئا جلائي ذات جا،
سي ويا سورج اياري پيار جي پريات جا،
سچ جا ساگي، سچا صوفي سچائيءَ جا ڏٽي،
دار تي منصور ويڙا، نينهن جا نعرا هڻي،
محبتي، محبوب ماڻهو، محبتون ورجي ويا،
اڄ بہ آ مشهور تن جي، ڏيهہ ساري ۾ ڏيا.
سونهن، سندر سوپيائون، مهڪ مرڪون ماڻهپو،
ويا وندي وهوا! وڄائون، آدميت آجپو.
هڪ خدا آڏو جهڪي، در در جهڪڻ کان ويا ڇٽي،
نفس جمري کي انهن پهڻي حقيقت جي ڇٽي،
ڪوڙ صوفي سنڌ ۾ حق جا ويا هوڪا ڏئي،
ڪيئي جيجل ماءُ خاطر ڪونڌ ويا ڪنڌڙا ڏئي،
جهوڪ ۾ جهونجهار هڪڙو، ڏاڍ سان اٽڪيو هيو،
سنڌڙيءَ ۽ سچ خاطر سر ڏئي سرهو ٿيو.
بيو بہ هڪ نالو نمايان تو تري، تاريخ ۾،

تيون ٻڇهن اڄ يي صدائون چيچڙي جي چيز ۾،
يونءِ هيءَ آهي يتائيءَ جي يلي ياڳن يري،
مشڪ مهڪارون متي قدرت سندي ڪاريگري
" بيدل" " بيڪس" " حمل" "روحل"رياضت ويا ڪري
سنڌ سيني ۾ سمايو ڪول پنهنجن ڪي ڪري،
سچ جو نالو "سچل" آ، سچ سارو سنڌڙي،
تي ويو سوئي امر جنهن جند ڌرتيءَ سان جڙي،
لاٽ ساڳي جو لياڪو، لوءِ تي لهرائيو،
سوجهرا سوچون ڪٽي، اوتار هتڙي آئيو،
هونءَ تہ " يوسف" تا چون پر نينهن ۾ " نانڪ" تيو،
در درازي درد سان سڪ سوز ۾ سالڪ تيو
لاڙڪاڻي جو هيوهي لال ، ڌرتيءَ جو ڏٽي،
قرب جي هن کي ڪشش يري خيرپور آئي ڪٽي،
چٽنگ چاهت جي درازن مان ڪٽي نانگو نچي،
آڳ اڳڙن ۾ جلائي، مچ هٽي وينو اچي،
ڪي ئي پروانا پڇڻ جو پهہ ڪري آيا هتي،
عشق واري لاٽ تي سو لال لهرايا هتي،
موت ڪان اڳ ۾ مري، ماري ڇڏيائون موت کي،
هي جسو هن کي، حاصل ڪيائون هوت کي.
گل بدن گل رنگ آيو گل نظر گلفام ۾،
ميم ۾ مقصود جو گل، ويس ملي ڪنهن مام ۾.

Scanned with CamScanner

نوراني نور

بهترين ڇپائيءَ لاءِ

هربلا دور

پرويز

ڪمپيوٽرائيزڊ پرنٽنگ پريس

نوراني شادي ڪارڊ سينٽر

شيخ

ڪمپيوٽرائيزڊ پرنٽنگ پريس

ڪاليج روڊ گمبٽ

هتي اوهان کي هر قسم جي ڇپائي جو ڪم

تسلي بخش ۽ رعايت سان تيار ٿي ملندو





شادي ڪارڊ ۽ اسٽيمپ (ٺپا)

2 ڪلاڪن ۾ تيار ٿي ملندا.

ساٿ سلامت

شاگرد، مزدور ۽ پورهيت عوام جي اخبار

هفتيوار

باني (مرحوم) محمد آنڊل سومرو

گجگوڙ

گمبٽ

خوش اخلاق

با صلاحيت

پرويز احمد ٽيبو
0346-3413993

مولا بخش سومرو
0346-3356046
0306-3123660

ڪمپوزنگ: پرويز احمد ٽيبو، منصور علي سومرو

درگاھ فقير نانڪ يوسف جا ڳائڻا

محمد عارف فقير



علي محمد فقير



فقير محمد چنل منگي

فقير امام بخش ٽالپر

درگاھ فقير نانڪ يوسف جا ذمالي



ماهي فقير منگنهار



پيرل خان منگنهار



فقير حسين بخش منگنهار

فقير پرت علي مرڪنڊ
درگاھ جو خدمتگار

فقير نانڪ يوسف يادگار ڪاميٽي جا عهديدار ۽ ميمبر

چيئرمين ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ

سيڪريٽري خادم عباسي

ميمبر مير ارشد حسين ٽالپر

ميمبر فقير فراق علي مرڪنڊ

ميمبر مير عبدالرسول مير

ميمبر "راز" علي گل پٽو

ميمبر شاهه محمد ٽنيو

ميمبر شاهه شيخ

ميمبر ڊاڪٽر يار محمد مرڪنڊ

ميمبر فقير حسن علي

درگاهہ فقير نانڪ يوسف جي مزار جو اندريون ڏيک

درگاهہ فقير نانڪ يوسف جي مزار جو ٻاهريون ڏيک